
ڪاڇي مٿان ڪونج
تاجل بيوس

# ڪاچي مٽان ڪونج

## (نثري نظمون)

## تاجل ”بيوس“

سنگم پبليڪيشن

ڊجيٽل ايڊيشن
2024ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنگم پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 35


| | |
|---|---|
| ڪتاب: | ڪاڇي مٿان ڪونج |
| شاعر: | تاجل بيوس |
| ترتيب: | ڪرم الاهي چنا |
| ڪمپوزنگ ۽ پيج ميڪنگ: | ڪرم الاهي چنا |
| پبلشر: | سنگم پبليڪيشن |
| ڇاپو پهريون: | 1990 |

:

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**www.sindhsalamat.com**


## KACHHAY MATHAAN KOONJ
## (POETIC PROSE)


| | |
|---|---|
| Poet: | TAJAL BEWAS |
| Compiled by: | Karam Ellahi Channa |
| Composing & Page Making: | Sangam Publication, Sachal Goth, Karachi |
| Phone: | 0345-2225458 |
| First Edition by | Sangam Publication 1990 |
| Second Edition by | Tajal Bewas Academy |
| Digital Edition | www.sindhsalamat.com |

# استاد مهربان الهندي جتوئيءَ جي نالي

جيڪو ادب جي دنيا ۾ مون کي
ٻڙ جو ڳهاٽو وڻ ۽ مان سندس
هيٺان پاڻ کي هڪ ننڍڙو ميندڙيءَ
جو ٻوٽو سمجهندو آهيان.

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناماياري شاعر تاجل بيوس جي نثري نظمن جو مجموعو ”ڪاچي مٽان ڪونج“ اوهان اڳيان پيش آهي.
تاجل بيوس لکي ٿو تہ ”شيخ اياز موجب نثر جا اهڙا ٽڪرا جن ۾ ڪافيو، رديف ۽ وزن پلي نہ هجي پر پڙهڻ ڪانپوءِ پڙهندڙ تي جيڪڏهن شعر وارو تاثر ٿا ڇڏين تہ انهن کي نثري نظمون چئبو“. هن ڪتاب جا نثري نظم 1984ع ۽ 1988ع واري عرصي ۾ لکيا ويا آهن. مون ڏنو تہ منهنجي چوڌاري ڪُتَا ڪئا ڪر ڪدي ساٽيھ جي ڌرتيءَ ۾ سرنگهون جوڙي رهيا آهن، ذاتي مفاد خاطر اجتماعي ۽ قومي مفاد قربان پيا ٿين. انسان جي رت ۽ هڏن جي حفاظت ڪرڻ بدران سندس ڪل کي اُڌيڙيو ٿو وڃي، انگولا ۽ ڪانگو جي رهواسين جيان ماڻهن جي چپن ۾ ٽنگ ڪيرائي مٿن تالا لڳايا پيا وڃن، سچ کي ڌوهي ڪوني ڪيس زندانن جي برجن تان اڇلايو پيو وڃي، علم کي عذاب ڏئي رت- ڪڙاين ۾ ڪاڙهيو پيو وڃي، ڏاهپ کي زهر وسيلي ماريو پيو وڃي، ماڻهن کي ارغوني دور جي نصرپورين جيان هاٿين جي ٽنگن سان ٻڌرائي لتاڙيو پيو وڃي ۽ ڏاتارن کي ڦاهين تي چاڙهائي ڌرتيءَ کي ڌوڏيو پيو وڃي، تڏهن منهنجا هي نثري نظم بہ گولين جي نڪاوَن ۽ بمن جي ڌماڪن ۽ دونهين ۾ جنم وٺندا رهيا آهن.“
هي ڪتاب 1990ع ۾ **سنگم پبليڪيشن، ڪراچي** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون تاجل بيوس جي فرزند ۽ تاجل بيوس

اڪيڊميءَ جي سرواڻ سليم تاج جا جنهن هي ڪتاب سنگم پبليڪيشن جي سرواڻ ڪرم الاهي چنا جي مدد سان نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**sindhsalamat.com**
books.sindhsalamat.com

## تاجل ”بيوس“

# پڪار ڇ ڪنيار جا

سچي ڌرتي شاعر جو ديس هجي ٿي. پر نہ هر ڪنهن شاعر جو. هيءَ ڌرتي انهن شاعرن يا تخليقڪارن جو ديس ٿي سگهي ٿي. جن شاعرن ماڻهو، فطرت ۽ هن پوري ڪائنات جي سندرتا ۽ اهميت جو راز معلوم ڪري ورتو هجي. ان راز معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ شاعر کي پنهنجون اکيون ڪئميرا بڻائي هن ڪائنات جي ذري پرزي جي تصرير ڪڍي، ذهن جي پردن تي لڳائڻي پوي ٿي. ڪنهن ٻٽَ تي بيٺل ڪنديءَ جي وڻ توڙي ڪنهن واهيءَ مٿان نم تي چڙهيل گلورول جو پاڙن کان وٺي چوٽيءَ تائين مشاهدو ٿو ڪرڻو پوي، درياءَ جي ڪپ تي وڻن جي قطارن توڙي ڪنهن جبل تان لهندڙ گدَ جي ڇلانگن جي تصوير ڪڍڻي ٿي پوي. هاڻوڪين حالتن کي تاريخ جي هر باب سان ڀيٽي، ماضي ۽ حال جي وچ ۾ پُل جوڙڻي ٿي پوي- ڌرتيءَ تي قانون جي آڙ ۾ سماجڪ اصولن کي نظر انداز ڪري اصلوڪن رهواسين جي استحصال جا سبب معلوم ڪرڻ ۽ معاشري مان ان قسم جي سماجي بدصورتيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو نہ ڪو علاج ڳولهي لهڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي ٿي پوي. ڪانوڙ ڪان مدوي جي مسجد بلال تائين غير مقامي ماڻهن کي اُتان جون زمينون ڀڳڙن مٺ تي ڏيڻ ۽ ڪراچيءَ جي اصلوڪن رهاڪن کي ريد-اندين بڻائڻ کان وٺي ڏکڻ آفريڪا جي ڪاري نسل وارن سان گوري سرڪار جي امتيازي سلوڪ بابت سڏ سماءُ رکڻ هڪ شاعر لاءِ ضروري ٿيو پوي. ڪامل ۽ مهان شاعر ٿيڻ لاءِ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پوءِ هن ڌرتيءَ جو مهان ڪوي پٺ- ڏٽي لاکي ڦلاڻي، سپڙ سخي، جادم جکري، ابڙي سردار، راءِ ڪنگهار، جاڙيجن، جسودن، ڪاهوڙين ۽ ڪيڙائن جو لنڪا تائين

لوچڻ، سخي مردن جي سخاوتن، معاشري مان اقتصادي اڻ- برابري ختم ڪرڻ واري جاکوڙ ۽ هن سائي ۽ سڪر سنڌ تي ڏارين جي غير انساني روين تي نور نچوئي اسان لاءِ هيڏو وڏو رسالو نہ ويهي لکي ها-

وقت جي شاعرن ماڻهو ۽ سندس وجودي وٿن کي پروڙي جڏهن قلم کنيو آهي تہ سندن سٿون امر ٿي ويون آهن- ان لاءِ ضروري ٿو ٿئي تہ اُهي تخليقڪار ابن، ڏاڏن کان وٺي پنهنجن ماڳن ۽ مڪانن سان واڳيل رهيا هجن. جيڪڏهن ائين آهي تہ ڪين پاڻ جهڙو ماڻهو تہ ڇا پر هر وڻ، هر ٻوٽو بہ جيئرو جاڳندو نظر ايندو. ڪنهن وڻ جي گلن- پنن سان جنجهيل ٽاري پٽڻ کان اڳ ۾ هُو سوچڻ تي مجبور ٿيندا تہ اها ٽاري وڻ مان پٽجي يا نہ. اها ٽاري سندن هٿ ۾ سهڻي لڳندي يا اُن وڻ ۾. ٽاريءَ پٽڻ سان ڪهڙو مجموعي يا قومي ڪارج سرندو وغيره.

سرنهن جي پيلن ڪيتن جو پسار ڪندي، يا ڪنهن ڍنڍ جي ڪناري تي نيلوفر ۽ ڪنول جي اڻ ڪٿندڙ گلن جو رقص ڏسندي، اتان جي ڌرتيءَ ڄاين جو نيڻ، نيڻ ٺري پوندو ۽ ائين ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ مان اُپريل سلا، ٻوٽا، وليون ۽ وڻ ڪين ماڻهن جهڙا ئي پيارا ۽ منڙا لڳندا. هن ڏس ۾ والٽ وٽمن، رچرڊ لي وئلن، پيسسنن، پرتري، آسڪر وائلڊ، گورڪي، حمزو رسول، جبران ۽ شيخ اياز ماڻهو ۽ ڌرتيءَ جي سندرتا جون سرحدون ڇُهي، ڇڱو خاصو ڇيهہ ڪيو آهي.

مون مٿي چيو آهي تہ هيءَ ساري ڌرتي شاعر جو ديس آهي. وٽس رنگ، نسل ۽ ڌرم جو ڪو بہ وٿج- واپار نٿو ٿئي. انهن ٿنهي وڙن مان جو وڙ جنم وٺي پنهنجي سونهن ۽ سندرتا سان سندس ذهن تي قابض ٿئي ٿو اُهو آهي ماڻهوءَ جو ڪردار. جيڪو علم، ادراڪ ۽ شعور کان اڏام حاصل ڪري عمل جون منزلون طئي ڪري اسان وٽ پهچي ٿو- ان لاءِ وري بہ مان ائين چوندس تہ ان قسم جو سڦلو ڪردار اُهو ئي پيش ڪري

سگھي ٿو جيڪو پنهنجن ماڳن ۾ مڪانن ۾ ابن-ڏاڏن کان رهندو اچي ٿو ۽ رهڻ جو احساس رکي ٿو ۽ نہ ڪالھہ ڪالھوڻيءَ آيل غير مقامي ارغونن ۽ ترخانن جهڙا انساني بستين ۾ نقاب پوش ٽولا، جن وٽ هتان جي وستين، وٿاڻن ۽ وڻن واهيرن کي تہ ڇڏيو پر انسان جي رت ۽ ماس لاءِ بہ عزت ۽ احترام ڪونهي. جيئري جاڳندي ۾ چرندڙ پرندڙ انسانن تي تيل هاري، تيلي ڏئي ساڙڻ کان وٺي مورڙي ۽ روپي ڪولهيءَ جي ڌرتيءَ کي گدرو سمجهي ڦارون، ڦارون ڪرڻ تائين وارو عمل هڪ طرف سندن جسم تي ڪتڪاڙيون ٿو ڪڍي تہ ٻئي طرف مقامي ماڻهن کي ٽلٽي ۾ ننگر ٺٽي جا 928 هجريءَ وارا منظر ٿو ياد ڏياري، مان ڏسان پيو تہ هن امن ۽ آتشيءَ جي ڌرتيءَ تي مريدڻ جَٽُ (۱) ۽ راءِ ڪنگھار (2) وري جنم وٺي رهيا آهن. هڪ ٺٽي جي بازار مان هٿ ٻڌگھيري مرزا صالح کي درخواست پيش ڪري رهيو آهي تہ ٻيو نيرڙي ٽيپهريءَ جو جبلن جي قطارن ۾ سج جي ٽٻي وجهڻ جو انتظار پيو ڪري.

مٽي ۽ ماڻهوءَ جو رشتو ايڏو تہ عظيم ۽ احترام جوڳو ٿو ٿئي جو هند جي ڪوي نارائڻ شيام جي لاڏاڻي ڦيراتيون ڏئي ڇڏيون آهن. مون کي گھاٽي ٻڙ جو ڏار ٿڌندي محسوس ٿيو آهي. ڪالھہ تائين اسان ٻنهي ساڳين ئي ولين جو واس پئي ورتو هيو. ساڳن ئي پکين جي اُڏام تي ڏني ۽ هوا جي ساڳن جهُوٽن اسان جو پگھر ٿي سُڪايو. وسڪاري ڪانپوءِ اولهہ کان جڏهن سورج ديوتا انڊلٺ واري ڪمان تاڻيندو آهي تہ تاڙو تنوارڻ لڳندو آهي- ڪالھہ تائين ان ساڳي تاڙي جا نغما ڪڏهن شيام تي ٻڌا تہ ڪڏهن ان تاڙي کي مٿان اڏامندي مون تي ڏٺو. منهنجو پختو ايمان آهي تہ هٿرادر قائم ڪيل پابنديون، سرحدون ۽ خاردار تارن جا لوڙها پکين جي آڏام، ولين جي واس ۽ هوا جي جهوٽن کي اسان کان ڪڏهن بہ نٿا روڪي سگھن.

اتم، هري موٽواٽي، هيرو ٺڪر ۽ موتي پرڪاش منهنجا پائر آهن. اسان جو نيپاج هڪ ئي ماءُ جي ٿڃ سان ٿيو آهي. بينجامن ۽ لورڪا اسان کان ڏار نٿا ٿي سگهن. لورڪا جو رتائون لاش ڏرتيءَ سانڍي رکيو آهي- ڀڳت سنگهه جي جسم جي رڪ ستلج ۽ سنڌوءَ جي ڏارُن سان گڏ وهندي وهندي سمنڊ داخل ٿي چڪو آهي، جيڪا هاڻي ڪائنات جي وسعتين ۾ پکڙجي وئي آهي. مون ڏٺو هو تہ هڪ تاريءَ تي ٻہ گل ٽڙي، ڇڻي مٽيءَ ۾ رلجي ملجي ويا هئا ۽ ڪين جڏهن ڪاريگر ڄَڪَ تي چاڙهيو هو تہ هن ننڍي ڪنڊ جا ٻہ مهان سرجهٽار ٿي پيا هئا.

مون پنهنجي ڪتاب ”انبن جهليو ٻور“ ۾ ڇپيل سمورن هڪ سو سٺ نثر جي ٽڪرن کي شاعراڻو نثر ڪوٺيو آهي ۽ هاڻي ڪين نثري نظم پيو چوان. اهو لقماني نسخو مونکي شيخ اياز وٽان هٿ آيو آهي، جنهن ٻڌايو تہ نثر جا اهڙا ٽڪرا جن ۾ ڪافيو رديف ۽ وزن پلي نہ هجي پر پڙهڻ ڪانپوءِ پڙهندڙ تي جيڪڏهن شعر وارو تاثر ٿا ڇڏين تہ انهن کي نثري نظمون چئبو. مون اياز جي ان حقيقت کي دل سان قبولي فقط اهو اضافو ڪيو آهي تہ اهڙي تخليق فقط شاعر ئي ڪري سگهن ٿا. هاڻي مان ”انبن جهليو ٻور“ ۾ ڇپيل ۽ منهنجي هن ڪتاب ”ڪاچي مٿان ڪونج“ ۾ ڇپجندڙ تخليقن کي نثري نظم ٿو سڏيان.

مٿي ڄاڻايل ٻنهي ڪتابن جون تخليقون1977ع کان وٺي 1988ع تائين جنم وٺنديون رهيون آهن. هن ڪتاب جا نثري نظم مون 1984ع ۽ 1988ع واري عرصي ۾ لکيا آهن. مون ڏٺو تہ منهنجي چوڌاري ڪُٺا ڪٺا ڪر ڪيڏي ساڻيهہ جي ڌرتيءَ ۾ سرنگهون جوڙي رهيا آهن، ذاتي مفاد خاطر اجتماعي ۽ قومي مفاد قربان پيا ٿين. انسان جي رت ۽ هڏن جي حفاظت ڪرڻ بدران سندس کل کي اُڌيڙيو ٿو وڃي، انگولا ۽ ڪانگو جي رهواسين جيان ماڻهن جي ڇپن ۾ ٽنگ ڪيڙائي

مٿن تالا لڳايا پيا وڃن، سچ کي ڏوهي ڪوٺي ڪيس زندانن جي برجن تان اڇلايو پيو وڃي، علم کي عذاب ڏئي رت_ ڪڙاين ۾ ڪاڙهيو پيو وڃي، ڏاهپ کي زهر وسيلي ماريو پيو وڃي، ماڻهن کي ارغوني دور (3) جي نصرپورين جيان هاٿين جي ٽنگن سان ٻڌرائي لتاڙيو پيو وڃي ۽ ڏاتارن کي ڦاهين تي چاڙهائي ڌرتيءَ کي ڌوڏيو پيو وڃي، تڏهن منهنجا هي نثري نظم ٻہ گولين جي ٺڪاوَن ۽ بمن جي ڌماڪن ۾ دونيهن ۾ جنم وٺندا رهيا آهن.

هڪ لنگھا مون شيخ اياز سان ڪتاب جي ڇپائڻ واريون تڪليفون ۽ مسئلا ڇيڙيا هئا. ٻڌايو مانس تہ ڦلاڻو ادارو ٻہ_چار اشتهار پيو گهري، اياز وراڻيو هو. خبردار! متان اشتهارن وسيلي دهل جي ڏئنڪي تي ماڻهو ڪٺا ڪري پنهنجيءَ شخصيت کي چمڪائڻ جي جنون ۾ پنهنجي فن سان ويساهہ گهاتي ڪري پاڻ کي نقصان رسائين. اڄان ان ٻڌ_تر ۾ هيس تہ مون وٽ نظام عباسي اچي سهڙيو. ايندي چيائين تہ رابيل پبلشنگ هائوس طرفان هو منهنجون ڪهاڻيون ۽ نثري نظم ڇپائڻ ٿو گهري. رابيل (ڌرتيءَ جي اُرهہ تي اُپريل ستارا) جو نالو ٻڌي، مون ڪتاب جو مواد نظام عباسيءَ جي حوالي ڪيو. وڏيءَ جاکوڙ ڪانپوءِ (نظام جي گهڻ دلچسپيءَ ڪري) مس وڃي ڪتاب جي پيسٽنگ وارو مرحلو طئي ٿيو ۽ هاڻي ڪتاب ٿن_چئن ڏينهن ۾ اسان جي هٿن تائين پهچڻ وارو هو جو خبر پئي تہ نظام صاحب "اڱواڻ" اخبار جي اشاعت لاءِ وڃي لاڙڪاڻي جا وڻ وسايا ها. سندس اخبار مِني پلانٽ وانگر نہ، پر شل ڪجيءَ جي وڻ وانگر ڦداور ٿئي!

مون واري خام مال کي ڪتابي شڪل ڏيڻ لاءِ اسان (مون ۽ ف_م لاشاري) جي اشتراڪي دوست نظام الدين انصاريءَ (هلال پاڪستان) جي ڀيج ٻڪ ۽ سندس روحاني دلچسپي وسارڻ سان ٻہ نہ وسرندي. هن

ڏس ۾ وري بہ سنگم جي سرواڻ ڪرم الاهي چنا اچي ڪلهو اٽڪايو ۽ مواد لبرا ڪمپيوٽر وارن جي حوالي ڪيو ويو.

هاڻي اسان جي مصور ۽ ٽَڪُ پيجي لکندڙ تخليقڪار قربان جعفري جا بہ جوان پٽڙا ارشد ۽ اعجاز منهنجي ڪتاب "ڪاڇي مٿان ڪونج" کي ٽائيٽل ڪور سميت پنهنجي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري رهيا آهن. جيئن ڪنپار چڪ تي مٽيءَ چاڻا رکي گهڙا جوڙيندو آهي. نصيب چڱا هوندا تہ نثري نظمن جو هي ڪتاب بہ "انبن جهليو ٻور" وانگر جنم وٺي اجهو ٿو اسانجي هٿن تائين پهچي.

**تاجل "بيوس"**
اي-٣ پايونير هومز
ڪي-ڊي-اي اسڪيم ٣٣
سپر هاءِ وي، ڪراچي.

(1) مريد جت ٺٽي جي پريءَ بازار ۾ گهوڙي چڙهيل حڪمران مرزا صالح ترخان کي درخواست ڏيڻ جي بهاني سان پيٽ ۾ ڇري هڻي ماريو هو ڇاڪاڻ تہ مرزا جي حويليءَ ۾ نوجوان ڇوڪريءَ جي داخل ڪرڻ واري انڪار تي هُن مريد جَت جي قبيلي جا ماڻهو مارايا هئا.
(2) ڪڇ جو راجا راءِ ڪنگهار سج لهڻ جو انتظار ڪندو هيو جيئن هو رات جي انڌاري ۾ ارغوني لشڪر تي ڪاميابيءَ سان راتاها هڻي ڪين وڏ ۾ وڏ قتل ڪري مقامي ماڻهن کي آزاد ڪرائي سگهجي.
(3) ٺٽي جي ظالم حڪمران مرزا محمد باقيءَ (1566_1584ع) نصرپور جي بي قصور ماڻهن کي هاٿين جي ٽنگن سان ٻڌرائي ڪين چيٿاڙي مارايو هو ۽ عورتن جون ڇاتيون وڍرايون هئائين.

جڏهن پاٽيءَ جو فرشتو پاٽيءَ بابت ابتدائي هدايتون وٺي رهيو هو، ان وقت هڪ ٻيڙو سنڌوءَ ۾ ٻيڙي هلائي رهيو هو.

صابره ۽ شتيلا ڪوس - گهرن جون خبرون پڙهي، موهن ڪلپنا[1] جا لفظ ياد اچي ويا: “ڪاش! هر هڪ ملڪ جون واڳون مائرن کي ڏنيون وڃن.”

(1) نندي ڪندجو برک ليکڪ

مان توکي هن ٻيلي مان هڪ وڻ ٻہ وڍڻ نہ ڏيندس، تو کي خبر ناهي تہ پٽيهل[1] ۾ پاڻي آيو آهي ۽ مونکي انهن وڻن مان ٻيڙيون جوڙائي، ماڻهو پار اڪارڻا آهن.

اي دوست! لکڻ ڇڏي ڏيان، سا ڳالهہ منهنجي وس ۾ ناهي، غور سان ڏسندين تہ منهنجي قلم جي تو کي زبان ٻہ ڏسڻ ۾ ايندي، نہ ٿو لکان تہ قلم  شور ٿو ڪري.

(1) سنڌ جو هڪ ڦٽل درياهہ

شام، شام ۽ صبح، صبح هوندو آهي. منهنجي زندگيءَ جي اها پهرين شام هئي، جا مونکي هر صبح کان وڌيڪ روشن ۽ حسين لڳي هئي. اها شام، جڏهن صدين جي غلاميءَ ڪانپوءِ چنڊ پهريون دفعو منهنجي آزاد وطن مٿان ڪڙيو هو.

جڏهن بازنطينن[1] اٿينس کي تباهہ پئي ڪيو. تڏهن تاريخدانن جي هٿن ۾ باهہ جون اماڙيون ڏنيون ويون هيون، جڏهن پيريڪلس[2] اٿينس کي ٻيهر تعمير ٿي ڪيو تڏهن شاعرن سرن جا ڪارب ۾ سنگتراشن لاءِ ڇيڻيون ٿي جوڙيون.

(1) 487 ق.م ۾ بازنطينن يونان جي شهر اٿينس کي تباهہ ڪيو هو.

(2) اڏاوتن جو ماهر ۽ هڪ عظيم انجنئير جنهن 433 ق.م ۾ اٿينس کي ٻيهر تعمير ڪيو.

برهما هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ جو وٽو ۽ ٻئي هٿ ۾ ساوا پن کڻي آيو هو. تون ماڻهو آهين ۽ پوءِ به هڪ هٿ ۾ بندوق ۽ ٻئي هٿ ۾ هٿ- ڪڙيون کڻي آيو آهين، برهما ۽ تو ۾ ڪيڏو نه فرق آهي!

باهه ٻري، ٻري وسامي ويندي آهي. هتان اچي بيهه ته توکي ان باهه جون ڄڀيون ڏيکاريان جا ٻئنسري وڄائيندي "نيرو" ٻاري ويو هو.

ڏکڻ آفريڪا جي شاعر بنجمن مولائزي جي قاسيءَ تي چڙهڻ کانپوءِ مون محسوس ڪيو هو تہ ڪن، ڪن مائرن جو وجود ڏرتيءَ جي گولي کان بہ وڏو ٿيندو آهي.

اهي سڀ وڻ ڪپي، ٻلي وچي گهر جوڙاءِ. پر هن هڪ وڻ جي مان تو کي ٿاري بہ ڪپڻ نہ ڏيندس چاڪاڻ تہ هن وڻ هيٺان ويهي پٽائيءَ سر ڏهر لکي تيار ڪيو هو.

هڪ دوست چيو:
”اج ڪا اهڙي نظم ٻڌاءِ جنهنکي ٻڌڻ سان پيٽ پرجي وڃي.“ مون گهر کان ٻاهر هڪ دڙي تي بيهاري پنهنجي دوست کي کيتن ۾ لڏندڙ ٻاجهريءَ جا سنگ ڏيکاريا.

ٿورو هتان اڇي بيهہ تہ توکي ماڻهوءَ جي سونهن جون جهلڪون ڏيکاريان. هو ڪارو شيدي ڏس، جيڪو پنهنجن هٿن سان پوکيل کيت کي، پاڻ لٽي رهيو آهي.

دل ٿي چاهيو ته ڪائنات جي ڪنهن وڏيءَ شيءِ تي ويهي لڪان! اجان ان بڏتر ۾ هيس ته ڪچ تي ڪينگر لسيءَ جو ءِ مٿي تي ٿهو مانين جو ڪٽي منهنجي سامهون هڪ ٻوڻاٽي اچي لانگهائو ٿي.

مان جڏهن مومل ءِ سنديس جوانيءَ تي لکي رهيو هيس. ان وقت هڪ ٻيڙي سنڌوءَ مان پاٽي پري رهي.

تو غلطي نه پر گناهه ڪيو آهي. رابيل جا ٻوٽا پٽيا ناهن، پوڪبا آهن. حضور جن ته مانيءَ سان گڏ خوشبوءِ جو به تاڪيد ڪيو هو.

موت روح کي منهنجي جسماني آکيري مان تڙي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هو. منهنجو روح، عالم ارواح ۾ ڀٽڪي رهيو هو.

هڪ روح پڇيو:

”تو روحن جي ديس ۾ اِهي گلن جا هار ڪٿان آندا آهن؟ ۽ هان تون ته روح آهين، هنن گلن سان تنهنجو واسطو به ڪهڙو“!

مون جواب ڏنو:

”اڄ خليل جبران جي ڄمڻ جو ڏينهن آهي. ٻڌو اٿم ته سنڌ ۾ ڀٽائيءَ جو مجسمو جوڙيو ويو آهي، جنهن کي آءُ ڳولهڻ لاءِ نڪتو آهيان، جيئن داخل ٿي، خليل جبران کي هار پارائي سگهان.

ڪنهن به امر تخليق کي جڏهن پهريون دفعو ڪو عظيم فنڪار ڳائيندو آهي تڏهن اها تخليق مائيڪل ائنجلو جي اُن مجسمي وانگر ٿي پوندي آهي جنهن ۾ پهريون دفعو انسان جو روح داخل ٿي رهيو هو.

جڏهن ڪو ڌاريو سنڌ جي سرحد اورانگهي، اندر ٽپي ايندو آهي ان وقت منهنجو قلم سنگين ڪان تيز ۽ بندوق ڪان ڳورو ٿي پوندو آهي.

تنهنجي خواهش؟

”غربت ملي وجي تہ جيڪر گهٽا ڏئي ماري
چڏيانس.“

شام ويلي هڪ ڏهر ۾ منهنجي رستي مٿان منجر سان جنجهوريل ٿاريءَ تي ٻہ پکي ڇهنب، ڇهنب ۾ ملائي پيار ڪري رهيا هئا. مان رڪجي، بيهي رهيس ۽ ڪبڙ جو ٽڙ اوٽ ڪري، ان پيار ۽ امن جي مظاهري کي ڏسندو رهيس ايستائين جو اهي پکي سڄي ڏينهن جو ٿڪ لاهي. اڏاٽا هليا ويا.

جڏهن زنجير پئي گهڙيا، تڏهن “سچ” سر بازار رقص ڪيو هو.

تون پاڙ ڪي جيستائين ماٺهن ۾ گم نہ ڪندين، تيستائين توکي ڪيئن خبر پوندي تہ تون ڪيترو سفر ڪري ڪٿي پهتو آهين. ڏنو نہ ٿي تہ قطرو جڏهن ساگر ۾ ملي ويندو آهي تہ پوءِ اهو قطرو بہ ”ساگر“ ٿي ويندو آهي

مان رستي جي ٻنهي پاسن کان رابيل ۽ مينديءَ جا ٻوٽا پوکي رهيو هئس تہ ايتري ۾ هڪ وردي پوش اچي سهڙيو جنهن جي ڪلهي ۾ رائفل لٽڪي رهي هئي. منهنجي رابيل جي ڇڪيءَ کي ٽڏو هڻندي چيائين:

”مان جيلخاني جو داروغو آهيان هي رستو جيلخاني

جي قيدين جو رستو آهي. جتان قيدين کي ڦاسي-
گهاٽ ڏانهن نيو ويندو آهي. توکي ڪهڙي ڪتيءَ
ڪنيو آهي جو باک ڦٽيءَ وٽنو رستو خراب ڪرين؟"
مون جواب ڏنو:
"مان تڏهن ته گل پيو پوکيان." هن رائفل جي
ڪنداڪ سان منهنجن چڪين کي ڌڪڻ شروع
ڪيو:
ڪيس چيم:
"اڄ تون مونکي رستي تي گل نٿو پوکڻ ڏئين،
سڀاڻي جڏهن زندان بنا دروازن جي هوندا، ان وقت
رستن تي ته ڇا، تون جيلخانن ۾ به ڪٽڪ جا تيلا
ٻيٺل ڏسندين."

توُن بزدل اَن، توُن گيدي آن، توُن پنهنجي موت وچ تہ ٻيو ڪو اچي تنهنجي جاءِ والاري. مياڻيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي نهاريندڙ کي ”بزدل“ يا ”گيدي“ سڏبو آهي.

❧ ❧

پڙهيو اٿم تہ شاعر ڏاڍو نازڪ خياليءَ کان ڪم وٺندا آهن. ها، اهو سچ آهي، پر ماضي بعيد جو. محبوب جي چپڙن کي جڏهن گلن جون پنکڙيون چيو ويندو هو ان وقت شاعر برابر نازڪ خيال هوندو هو. اڄ جو شاعر لوهر جي هٿوڙي، انجڻ جي ڦيٿن، فولاد جي چٽنن تي لکي رهيو آهي، جنهنکي نازڪ خيال چوڻ، جيڪڏهن ناانصافي ناهي تہ زندگيءَ سان دوکو ضرور آهي.

❧ ❧

رنگ گورو پيلو يا ڪارو؟ رنگ، رنگ ٿيندو آهي، ڪا ڍنگ جي ڳالھہ ڪر.

هلاڪو سڪندر، مسواني، نيپولين، مدد خان جي تاريخ پڙهي، پڙهي اکيون پچي پيون آهن. هاڻي ڪنهن ”انسان“ جي تاريخ پڙهڻ ٿو گهران.

تنهنجو آدرش؟ ”سچڻ ۽ ساٿيهہ.“ ائين تہ پٿائيءَ ڇيو هو؟“ مونکي پٿائيءَ کان ڏار ڇو ٿو سمجهين.“

جڏهن اوچتو ڪا سگهاري سٽ جڙي پوندي آهي تہ مان پنهنجو منهن ڪلي ڏيندو آهيان.”

مان ڪلهوڙڪي دور جو ٻروج ناهيان جو علم ڪي پٺي ڏيئي، ماڻهوءَ جي جسم جا ٻہ ٽڪر ڪري کيلاريانءَ مان تلوار جي زنگ لاهڻ بدران، ذهن تان زنگ لاهڻ جو قائل آهيان.

جيڪي هماليا جي چوٽيءَ ۾ پير ڦٻائي، ست سمونڊ اورانگهي آيا آهن تون پٿائيءَ جي انهن ڪاهوڙين کي رولوءِ جادوگر پيو سڏين!

مجان ٿو تہ هڪ هستيءَ ڪانسواءِ ڪنهن بہ ئي جي پوڄا ڪرڻ ڏوهہ آهي پر ڇا ڪيان! سنڌ – ماتا جو ڪو منظر سامهون ٿو اچي تہ جهڪي ٿو پوان.

چون ٿا: راڻو جيڪو لڪڻ مومل جي پلنگ تي ڇڏي ويو هو سو اُٺلي پٺلي ڪاريهر ٿي پيو هو.

قديم رومين وٽ تهذيب جا ٽي اهڃاڻ هئا. ڊاک جي ول، زيتون ۽ انجير. سنڌ جي تهذيب جا بہ ٽي اهڃاڻ آهن. ڪڪڙ[1] جو تيلو ڪدوءَ[2] جيِ ول ۽ انب[3] جو وڻ.

(1) جياپي جو اهڃاڻ. (2) موسيقيءَ جو اهڃاڻ. (3) قدامت جو اهڃاڻ.

توکي تنھنجين لکڻين تي سونو ٻلو ءِ مونکي جيل مليو آ ءِ تون پوءِ بہ منھنجن تخليقن کي سنڌوءِ جي حوالي ڪري رھيو آھين.

تنھنجو مستقبل؟ رب پاڪ ٿو ڄاڻي. سارتر تہ پاڻ چئي ويو آھي تہ ماڻھوءَ جو مستقبل ماڻھو ئي آھي.

هڪ ڏينهن منهنجي خدا سان ملاقات ٿي وئي گستاخيءَ جي معافي وٺندي، هٿ ادب جا ٻڌي مون عرض ڪيو:

اي ڏيهن جا ڏاتار! تخليق جو بنياد وجهندي، جنهن انسان کي فضيلت جو مالڪ سڏي، ڪيس ملائڪن کان سجدو ڪرايو ويو. انهي انسان هٿان هڪ ٻئي پاڻ جهڙي انسان جي گردن مروڙجڻ جو مطلب ته مونکي سمجھ ۾ اچي ويو آهي پر ڪچڙيءَ ڄمار ۾ ماڻهوءِ جي ٻچڙي جي روح پرواز ٿيڻ وارو راز مونکي اجان سوڌو سمجھ ۾ نه اچي سگهيو آهي.

گردن جهڪائي مان پنهنجي پڇيل سوال جي جواب جو انتظار ڪري رهيو هئس ته خدا تعاليٰ حضرت ازرائيل کي مخاطب ٿيندي فرمايو:

شتيلا ۽ صابره ڪئمپن ۾ ڪم اچي سگهندڙ ٻارن مان هڪ اهڙو ٻار به آهي جيڪو اجان سوڌو ماءُ جي ڇاتيءَ مان ٿڃ پي رهيو آهي. وڃ، ان ئي حالت ۾ ڪم پورو ڪري هن ڪائنات جي خلقيندڙ کان پنهنجي غفلتپڻي جي اچي معافي وٺ.

منهنجي ساٿيهه جو ڪو اهڙو هڪ به رهواسي توکي نہ ملندو جنهن کي تون شطرنج جو مهرو بڻائي، پنهنجي مرضيءَ سان اڳتي پٺتي، ساڄي کاٻي هلائين. منهنجي ديس ڏي اک کڻي نهارڻ وارا! سڀ ڪان ڀڃيان توکي منهنجي سيني ۾ ٻرندڙ ڪوري مان گذرڻو پوندو. جيڪڏهن تون گذري سگهين، هنن منهنجن ٻانهن جي مينارن کي ڍاهڻو پوندو. جيڪڏهن تون ڍاهي سگهين. مون لاءِ نہ تون فرنگي ٿي سگهين ٿو ۽ نہ مان ئي تولاءِ رياست جووالي، جو تنهنجي جهوليءَ ۾ پنهنجو ملڪ اڇلائي ڇڏيان.

ترقي پسند جدوجهد سفر جي هڪ اهڙي موڙ تي پهچي ٿي جتي ڪاري رات ختم ٿي ٿئي ۽ ڪير جهڙو اڇو اجرو صبح ڦٽي پوي ٿو.

رگ ويد جي هڪ پڇن (انسان جو گيت) ۾ ڄاڻايل آهي تہ هيءَ ڪائنات پرش ديوتا جي جسم مان جڙي راس ٿي. هيراقلطيس[1] هن ڪائنات کي هڪ ابدي وحدت سڏيو آهي- علم حقيقت ۽ علم غيب کي سامهون رکي ئي توکي عمل جو رستو اختيار ڪرڻو آهي. مون کان پڇين ٿو تہ پوءِ تو کي مون وانگر چوڻو پوندو تہ اول مادو آهي ۽ پوءِ روح.

زندگي چئن مادي حقيقتن- ڪائنات، فطرت، سماج ۽ انسان- جي وچ ۾ آزاد اڏامندڙ هڪ هنج مثل آهي.

(۱) يوناني فلسفي جنهن کي جدليات جو ابو سڏيو ويندو آهي.

شاعري هماليا جو جهرڻو نہ پر ٿر جي گرمي آهي جنهنجي شدت آسمان ۾ بادل پيدا ڪندي آهي جيڪي وارياسي ٽي پرٽ ۽ مرٽ کي جنم ڏيندا آهن.

جڏهن ٻن پٽن جي وچ ۾ ڪا ٽريلي ٻاجهريءَ جا سنگ لٽندي آهي اُن وقت منهنجن خوابن جي تعبير جي تصديق ٿيندي آهي.

علم ۽ عمل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
بس اهو تہ عمل مان "م" ڪڍي پويان رکو تہ علم بڻجي پوندو آهي جيڪو شعور جي دنيا ۾ هقيقت جو اولڙو آهي ۽ "م" کي "ل" جي اڳيان رکو تہ عمل بڻجي پوندو آهي جيڪو علم جو بنيادي ۽ واحد نڪتو آهي.

تون پلي مون تي بندوق هلاءِ، اها منهنجي شاعري ئي آهي جيڪا تنهنجي گوليءَ ڪي گل ۾ تلوار کي رابيل جي ٽاري بڻائي ڇڏيندي.

اي پٽ! تون رئين ٿو ڇو تہ مونکي پنهنجي ئي گهر ۾ قيد ڪري مٽان پهرو بيهاريو ويو آهي. تو اهو ڪڏهن سوچيو آهي تہ تنهنجي پوري ديس کي "زندان" بڻايو ويو آهي!

موت ڪان ڊڄي زندگيءَ کي موت جو غلام نہ بڻاءِ.
اي مسافر! عدم جي سفر کي سفر نہ پر ٽڪڙن قدمن
کڻڻ ڪانپوءِ ٿڪ ڀڄڻ وارو عمل ڄاڻ. "مير" جي
هن شعر کي پڙهي ڏس:
موت اڪ زندگي ڪا وقفہ هي يعني آگي چلين گي
دم لي ڪر.

❦ ❦

داخلي ۽ اَنا جي دنيا ۾ رهڻ بدران مان خارجي ۽
انقلابي ٻوٽن جي آبياري ڪرڻ ۾ روحاني خوشي
محسوس ڪندو آهيان.

❦ ❦

شاعريءَ جي رستي تي هلندي تون ٿڪجي ٿو پوين، مونکي ڏس، منهنجي هر ڪچندڙ قدم ۾ حرڪت ۽ تازگي آهي.

منهنجا گيت اوهان کي اهڙي ماڳ تي رسائيندا جتي سرديءَ کان بچڻ لاءِ اوهانجي هٿن کي دستانا پهرايا ويندا. گرميءَ کان اوهانجي هٿن کي مينديءَ سان رچايو ويندو ۽ هان، ڪلفن کي پگهاري، منجهائن بندوقن جون ناليون ٿاهيون ويندريون جيئن انساني چهرن کي بدنما ڪندڙ ڏوهارين کي اوهان گولين سان اڏائي سگهو.

“مرڻ مونسين آءُ” [1] پڙهڻ سان هڪ، هڪ مڪالي ۾ مونکي سنڌو وهندي نظر آئي هئي. مون ڪتاب کي ٿپي، وري کولي پنهنجو سيس نوايو هو.

اي دوست! موت کان پوءِ مون سان ملڻو هجئي ته مون کي عمر خيام سان ڪنهن مئخاني ۾ اچي ڳولهجانءِ، مان تو کي ٿر جي پسين ۽ پيرن ۾ به نظر اچي سگهندس.

(1) سراج ميمڻ جو ناول

اي ناصح! مون کي تيستائين پيئڻ ڏي جيستائين منهنجي جيون جو پيالو هن سڄي هٿ ۾ جهليل مڌ جي پيالي وانگر ڇلڪي پوي.

موت نہ هجي ها تہ سقراط کي نئين زندگي ڪٿان ملي ها. جسم جو فنا ٿيڻ بقا جو پروانو وٺي ايندو آهي. ڏسين نہ ٿو تہ ڪيلاش جي برف کي پنهنجو وجود وڃائڻ کان پوءِ ئي پاڻيءَ جو روپ ملندو آهي.

منهنجي محبوبا! ڇا اهو ممڪن ناهي تہ اسين بادام جي ٻن گورن وانگر هڪ ئي کل ۾ رهون؟

تنهنجي شاعري تنهنجي مٽ ۾ پڪوڙيل وظيفي مان جنم وٺندي آهي ۽ منهنجي شاعري عوامي جدوجهد جي سيلاب مان.

لالبيگ (Cockroach) ۽ شهبيگ (ارغون) ۾ ڪهڙو فرق آهي! منهنجي لاءِ ٻنهي "بيگن" ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. ٻئي گٽر جي پيداوار آهن.

آزاديءَ کان اڳ منهنجي ڌرتي منهنجن پيرن کي ساڙيندي هئي. اڄ پهريون ڏينهن آهي جڏهن مان محسوس پيو ڪيان تہ ڌرتي منهنجن پيرن کي ٿڌاڻ بخشي رهي آهي.

انگولا ۾ آزادي گهرندڙ انسانن جي ڇپن ۾ سوراخ ڪيا. منهن تالن سان بند ڪيا ويا هئا ۽ ڪانگو ۾ ڪاري رنگ جي انسانن جا هٿ ڪاٽيا ويا هئا. اچو منهنجن گيتن کي ڳايو منهنجا گيت اوهان کي اهڙي ماڳ تي رسائيندا جتي سرديءَ کان بچڻ لاءِ اوهانجي هٿن کي دستانا پهرايا ويندا. گرميءَ کان اوهان جي هٿن کي مينديءَ سان رچايو ويندو ۽ هان، ڪلفن کي پگهاري، منجهائن بندوقن جون ناليون ٺاهيون ينديون جيئن انساني ڇهرن کي بدنما ڪندڙ ڏوهارين کي اوهان گولين سان اڏائي سگهو.

رات مون خواب لڌو آهي_ ڏسان ٿو تہ جنگي اڏن جاسوسگاهن ۽ ڦاسي- گهاٽن کي ڍاهي مٿانئن انساني رهائش گاهون جوڙيون پيون وڃن. بندوقن ۽ توپن کي سمنڊ حوالي ڪيو پيو وڃي ۽ فضا ۾ ڳيرا ۽ ڪبوتر اڏامي رهيا آهن. جڏهن جاڳيس تہ ماڻهن جون قطارون هٿن ۾ مشعلون جلائي بنجامن[1]، لورڪا[2] چي گويرا[3] ۽ مخدوم بلال[4] کي سلامي ڏيئي رهيا هئا.

---

(1) ڏکڻ آفريڪا جو آزادي پسند شاعر جنهنکي گوري سرڪار ڦاهي ڏئي ماري ڇڏيو.

(2) اسپين جو شاعر جنهنکي مارڻ کانپوءِ فوجن سندس لاش گم ڪري ڇڏيو هو.

(3) بوليويا جي آزادي لاءِ مارجي ويل گوريلا فوج جو اڳواڻ.

(4) ارغوني سرڪار طرفان گهاڻي ۾ پيڙهائي شهيد ڪرايل سنڌ واسي.

ارتقا جي سفر کي توکي ميٺو ٿي پوندو. اڳ جن ماڻهن فردوسيءَ لاءِ سونين اشرفين جون خرزينون آنديون هيون، اڄ سندن هٿن ۾ منهنجي شاعريءَ جا ڪتاب آهن.

مان مران تہ منهنجو لاش بندوقن جي موسيقيءَ تي شيخ اياز [1] جو نظم "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ" ڳائي، پوءِ ڪٽجو.

(1) تخليقڪار جي پراڻين نظمن منجهان هڪ لافاني نظم

هي منهنجو گيت آزاديءَ جي هر محاذ تي هوا ۾ ڦڙڪندڙ ڳاڙهو جهنڊو آهي. تون چاهين تہ هن گيت کان تون بارود جو بہ ڪم وٺي سگهين ٿو.

تون پلي پنهنجو آب حيات ڳولهي اچ. منهنجو آب حيات زيتونن جي هيٺان وهندڙ اِجهو هن واهيءَ جو پاڻي آهي جيڪو مونکي هر وقت ملي سگهندو آهي ۽ هان، اهو ئي تہ پاڻي آهي جنهنکي گوريلا پنهنجن جامن ۾ وجهي گولين جا سرگرم ڇيڙيندا آهن.

اي دوست! اڄ تہ غلام ملڪن جي غلام قومن کي ٻڌايون تہ ڇي گويرا گوريلا جنگين جون بادشاهہ نہ پر وطن عزيز کي سامراجي شڪرن جي چنبن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ وڙهندڙ هر گوريلي جو "استاد" هو.

تون تہ پهاڙ جي چوٽيءَ تي ويهي "انقلاب زنده باد" واري نظم لکي رهيو هئين، قلم کي پٽر تي رکي ڇا پيو سوچين؟ نظم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مان اُن نعري کي ٻڌي رهيو آهيان جيڪو سڀ کان پهريائين ڀڳت سنگهہ[1] بلند ڪيو هو (انقلاب زنده باد، انقلاب زنده باد) ـ جيڪو اڃان بہ فضا ۾ گونجي رهيو آهي.

(1) انگريز سرڪار جي خلاف وڙهڻ جي ڏوهہ ۾ ڀڳت سنگهہ کي 1931ع ۾ ڦاسي ڏئي قتل ڪيو ويو هو.

تنهنجو ديس؟
هڪ خوبصورت حقيقت.

تنهنجو ڪو خاص ڪردار؟
قسمت ڪان نفرت ۽ عمل سان دوستي.

هڪ انقلابي پنهنجن آدرشن سان قلمي محاذ ڪان وٺي جنگي محاذن تائين بڏل رهندو آهي.

منهنجو ڏوهہ اِهو آهي جو مان جنهن بہ پاڻيءَ ۾ خاموشي ۽ جمود ٿو ڏسان اُن پاڻيءَ ۾ پٿر اُڇلائي، لهرون ٿو پيدا ڪيان.

تنهنجو اِهو چوڻ غلط آهي تہ پيٽائي شاعر هو ان ڪري مان بہ شاعر ٿي پيو آهيان. ٻڌي ڇڏ تہ مون ڪي شاعر بڻائڻ وارو هڪ وقت آهي ۽ ٻيون حالتن ٻين لفظن ۾ زمان ۽ مڪان، ڪکن ۽ ڪاٺين کي تيلي ڏيڻ ڪان پوءِ ئي تہ باهہ ڀڙڪو کائي ٻرندي آهي.

ڪاش! انگريز نندي ڪنڌ ۾ نہ اچن ها. پر جي آيا تہ پاڻ سان وليم ورڊ سورٿ کي وٺيو اچن ها.

20 جولاءِ 1988ع جي سرمائي شام جو اسين ڪلفٽن ڪان سمنڊ جو نظارو ڪري رهيا هئاسين. ٻه چار ڏينهن اڳ پنج ڇهه ڇيرو جوان سمنڊ ڳڙڪائي ويو هو. سمنڊ جي تڏا۔ ويڙهه تي عقابي اک ڦيرائيندي مون چيو "سمنڊ ڇتو ٿي پيو آهي ۽ ڇتي جيان گگ پيو ڳاڙي" وري چيم

"محمد تغلق جي فوجن نٽي واري محاذ تان ڄام بابينو کان شڪست کائي گجرات طرف ڀاڄ ڪاڏي آهي ۽ ڇتڪتائي جي عالم ۾ هيسيل گهوڙيسوار شام ويلي ڪڇ مان اُڪري رهيا آهن".

عطيه دائود چيو: "سمنڊ هن وقت سورنهن سالن جي مستاني الهڙ ڇوڪري پيو لڳي". شيخ اياز چيو "اتڻ "سلڪ جا ٿان پيا ڪلن".

ڀڳت سنگهہ[1] جي ڦاسي واري ماجرا پڙهندي، مون کي سندس چوويهن سالن واريءَ ڄمار هڪ صديءَ جي ڏک ڏني هئي. ان وقت انگريزن جي بادشاهيءَ تان سج لهڻ وارا عڪس ۽ اولڙا ڏنڊلا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا هئا ۽ مون ڏٺو تہ انگلينڊ تي بہ چوويهن ڪلاڪن ڪانپوءِ ئي سج لهي رهيو هو.

(1) نئين ڪنڊ جي آزاديءَ لاءِ فرنگي سرڪار خلاف وڙهڻ جي الزام ۾ 23 مارچ 1931ع جي شام جو ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي ڏئي قتل ڪيو ويو هو. ان وقت سندس عمر 24 سال هئي.

23 مارچ[1] تي منهنجا ڪجهہ ساٿي ڀنگڙا رقص پيش ڪري رهيا هئا ۽ مان ستلج ڪناري ڀڳت سنگهہ جي لاش کي سلامي ڏيڻ لاءِ ماڏو لال حسين واري جٿي سان گڏ مارچ ڪري رهيو هيس.

(1) ڀڳت سنگهہ ۽ سندس ٻن ساٿين کي ڦاسي ڏيڻ کانپوءِ راتو رات سندس لاش ستلج نديءَ حوالي ڪيو ويو هو جيڪا ڪاروائي ڦاسيءَ جي سيني عالمي قاعدن خلاف سمجهي وئي هئي.

مان سامراجي قوت جون پاڙون اکيڙي رهيو آهيان ۽ تون ارغونن سان وفادار هئڻ لاءِ قاضي قاضن جي روايت کي ورجائي رهيو آهين. چون ٿا ته پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريزن کي شڪست کان بچائڻ لاءِ نندي ڪنڌ جي ست لک رنگروٽن مان ساڍا ٽي لک رنگروٽ ـ ٽڏهوڪي پنجاب مان ڀرتي ٿيا ها.

اي جلادو! هيءُ منهنجو ئي حڪم آهي ته ڦاهيءَ جي هن ڦندي کي گردن مان ڪڍي، منهنجي گردن کي آزاد ڪيو وڃي جيئن منهنجا ديس واسي مون واري ڏيکاريل واٽ تي بنا خوف خطري جي هلندا رهن. ائين نه ٿئي جو ايندڙ نسل اٿينس جي رهاڪن وانگر اوهان کي به قاتل نه سڏي. اٿينس جا ماڻهو جن يونان جي نوجوانن کي گمراهه ڪرڻ واري ڏوهه ۾ دنيا جي عظيم ڏاهي سقراط کي زهر پياري قتل ڪيو هو.

اُربانو[1] ڪاوڙ ۾ اچي رائفل جو قنداڪ لولوءَ[2] جي مٿي تي وهائي ڪڍيو ۽ لولو اتي مري ويو. ڪيوبا جي آزاديءَ کان پوءِ بوليويا جي آزاديءَ لاءِ چي گويرا جي اڳواٽيءَ ۾ گوريلا جنگ جو مون لاءِ هيءُ هڪ افسوسناڪ واقعو آهي جنهن کي نڪي مان وساري سگهان ٿو ۽ نه وري اُربانوءَ کي معاف ئي ڪري ٿو سگهان- ۽ هان، چي[3] به ته پنهنجي ننڍي قد واري گهوڙي جي ڪنڌ تي ڇري وهائي ڪڍي هئي!

---

(1) ۽ (2) چي گويارا جا ساٿي گوريلا، (3) چي گويرا کي سندس دوست پيار وچان چي سڏيندا هئا.

هي منهنجو ماڳ اٿئي. هتي زنجيرن ۾ پير-
ڪڙين ڪي پگهاري ملين جا گيٽ ۾ هٿوڙا ٺاهيا
ويندا آهن ۽ نه ماڻهوءَ جي جسم ۾ پيرن ڪي پهرايا
ويندا آهن. هيءُ منهنجو ماڳ اٿئي. هتي ماڻهوءَ
جي اکين ڪي گلاب جي پاڙيءَ سان ڏوئي ڪين هالار
جو سرمو پاتو ويندو آهي.

سچ پچ، اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان. ايڏوئي خوش آهيان جيڏو ڪنهن تخليقڪار کي سندس تخليقن جي پهرئين ڪتاب ڇپجڻ ڪانپوءِ ٿيڻو پوندو آهي. سچ پچ، اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان، ايڏو ئي خوش آهيان جيڏو رائيٽ برادران کي پکين سان گڏ پهريون پيرو هوا ۾ اڏامندي ٿيڻو پيو هو. سچ پچ اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان، ڇاڪاڻ ته پاڻ وڙهندي آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مان جنهن به ديسواسيءَ سان ڳالهايان ٿو اُهو مون وانگر مون واري ٻوليءَ ۾ ئي جواب ٿو ڏئي.

هيچي آهين ڇا؟ ڊگڙيءَ مان چار گرهہ! مٿون تہ ڏس ڦاٽني ٿيون پيون!! ماني ٿو ڪائين يا مرلي ٿو وڄائين!!! بس ڪر، بلغاريا جي رهواسي جارجي ديمتروف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب پيو پڙهان۔ نندين گرهن ڪائڻ سان اکيون ڪتاب تان هر، هر ٿيون هٽائيون پون. وڏا، وڏا گرهہ هٽي اکين کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڪجهہ وڌيڪ وقت لاءِ پابند ٿو ڪرڻ گهران۔ ڇا ڪجي، ڪو ڪتاب ڪڏهن، ڪڏهن هيچي بڻايو ڇڏي!

پاٽيءَ کي فقط ٿاريلي ۽ صحرائي زمين تائين محدود نہ رک۔ پاٽي هر زمين، هر وجود کي ثبات ٿو بخشي.

هن صحرا ۾ هي ڪٽڪ جا تيلا! تون پوءِ به ڏرتي۔ ماتا کي ان۔ ماتا نٿو سڏين!!

مون هڪ تخليقڪار کان پڇيو: “تون ڪنهنجي لاءِ پيو لکين؟” چيائين: “انهن لاءِ جي اڃان هڪ صدي ڪانپوءِ ڄمڻا آهن.” مون کين ٻڌايو: مان اُنهن لاءِ پيو لکان جن کي مان هر وقت پنهنجين اکين سان ڏسي به سگهندو آهيان ۽ ڪنن سان ٻڌي به سگهندو آهيان۔ ۽ هان، مان پنهنجن لکڻين ۾ هر وقت موجود به ته هوندو آهيان! ان ڪري مان ماضيءَ سان ڳنڍيل مستقبل جو مسافر آهيان.

جڏهن اوچتو ڪا سگهاري سٽ جڙي پوندي آهي ته مان پنهنجي منهن کلي ڏيندو آهيان.

اي مغني! مون ڪان قلم ڪسي، مونکي جڏهن گونگي ٻڌائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وڃي ته پوءِ تون منهنجا گيت ديوارين ۽ رستن تي پڙهجانءِ.

منهنجي محبوبا! تنهجي گوري يا ڪاري هئڻ سان منهنجو ڪو به واسطو ڪونهي- اُها ڪا ٻي ڪشش آهي جنهن مونکي تنهنجو متوالو بڻايو آهي. جا آهي تنهنجي "نسوانيت".

رات ٽيڻ ۾ اجان ڏيڍ پهر ڪن هو۔ مونکي منهنجيءَ محبوبا چيو: اڄ تہ توکي رات ۾ پهچائي ڇڏيان.”
ائين چئي، هن مونکي زلفن جي خيمي ۾ بند ڪري ڇڏيو. مون ڪيس چيو تہ “هيءَ رات ڏينهن کان وڌيڪ روشن آهي! هتي تہ ڌرتيءَ جي گولي کان بہ وڏو سورج اُڀريل آهي!!”

مان ۽ منهنجي محبوبا حسن واهڻ ڪان سنڌوءَ جي ڪناري پسار ڪري رهيا هئاسين. مونکي منهنجي محبوبا چيو:
“ائين پيو لڳي جڻ اسان اڳ بہ ڪيترن جنمن ۾ ملي چڪا آهيون.” مون وراڻيو: “هائو، پنهنجو جنم اٿينس (يونان) ۾ بہ ٿيو هو. اٿينس۔ جتي سقراط جي پيالي مان سچ جو سورج اڀريو هو۔ جتي ڏات، ڏاهپ جو ڇٽ ڦهريو هو.

بکر وٽان بابر بادشاهہ جڏهن چار ٻيڙيون ٻوڙائي رهيو هو اُن وقت سنڌ جا ملاح سنڌوءَ ۾ اٺ ٻيڙيون لاهي رهيا هئا.

قديم وقت جا ماڻهو سج ۽ ساگر کي ان ڪري کين پوڄيندا هئا تہ سج ۽ ساگر سندن خلقڻهار هئا_ هي تہ سندن پيار ۽ عقيدت جو هڪ طريقو هو. هنن پرکي ورتو هو تہ انساني زندگيءَ جي بقا جا سرچشما مٽي ۽ هوا سان گڏ سج ۽ پاڻي بہ ٿيندا آهن.

جوانيءَ جي لذتن ۽ مسرتن جو توکي کهڙو مثال ڏيان! ڇا اهو ڪافي ناهي تہ عورت جڏهن پوڙهي ٿيندي آهي، تڏهن هر جوان عورت کي نصيحتون ڪرڻ شروع ڪندي آهي!

اِن ڪتاب جي ورق، ورق تي دڙڪا ۽ دهمان تحرير ٿيل اٿئي، جيڪي تنهنجي ذهن ۽ شعور کي پنجر بڻائي ڇڏيندا ـ هن منهنجي ڪتاب جي ورق ورق تي محبت ۽ مسيحائيءَ جا نسخا لکيل آهن جيڪي تنهنجي ذهن ۽ شعور کي زرخيز ڪري ڇڏيندا.

اڄ تہ توکي بہ هڪ حقيقت کان واقف ڪيان. رات مون خواب لڌو آهي. ڏسان ٿو تہ سقراط جي مجسمي سان ملندڙ جلندڙ هڪ قداور شخص منهنجي سامهون اچي بيٺو آهي. سندس هٿ ۾ هڪ وڏو ڪتاب هو ۽ ڪلهي ۾ لٽڪندڙ گودڙيءَ ۾ پيپل شيون بہ مون کي ڪتاب تي لڳا چاڪاڻ تہ سندن ڪنڌون ٻاهر نڪتل هيون. چيائين: تون شاعر آهين. تون بہ اُٺ ۽ پنهنجي پاڙي وارن کي بہ اُٺار. اُٿو مون اوهان لاءِ لازوال، سگهارا ۽ بي بها تحفا آندا آهن جن کي پڙهي، پرجهي تازا توانا ٿيو. هي تحفا اوهان جي دلين تي جهل ۽ گمراهيءَ جون نہ پر علم ۽ عقل جون مهرون سبط ڪندا.

شعور کي جڏهن ڏات ملندي آهي تڏهن هر تخليق انهن سرمائي پٿرن جهڙي لڳندي آهي جن کي جهرڻن جي پاڻيءَ گسائي اڇي مانسرور جي ڪنارن تي اڇليو هجي.

شيخ اياز چيو آهي تہ ڪو وقت هو جڏهن سنڌي مشاعرن مان ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ ايندي هئي- مان تڏهن تہ چوان ٿو ت اڄوڪي شاعريءَ مان ٻاجهريءَ جي ڍوڍي ۽ ڄانيي جي پنن جي خوشبوءِ ٿي اچي.

اڄ تہ ڏرتيءَ جي سونهن ڏسي وٺون۔ هن ڪڪوريل ڪرڙ پرسان ڏاڙهونءَ جا گل، هن ٻوڪيل انب کان نازبوءِ جي ٻوٽن تائين ڦلهيل رابيل جا ٻوٽا ۽ هن املتاس جي وڻ هيٺان دوشيزه جنهنکي مالهڻ ٻانهن ۾ گجرا پارائي رهي آهي.

اورنگزيب ۽ سرمد ۾ فرق؟ اهو جيڪو ڏيگي ۽ ماٽهوءَ ۾ هئڻ کپي.

سچو شاعر ڪائنات جي سندرتا جا پروانا جاري ڪندو آهي.

تون شاعري پلي ڪر، پر شاعريءَ جي اُن مونااليزا کي تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪر جيڪا پنهنجي جوڀن ۾ جمال جي دنيا ۾ تو کي هر دفعي منفرد ۽ نرالي لڳي.

هي تو چيو آهي نه؟ "اي دوست! سڀ نظريا ناسي رنگ جا هوندا آهن. رڳو زندگيءَ جو سونهري ورق ئي سدائين سائو هوندو آهي." دل ۾ نه ڪجان جيڪڏهن مان سونهري لفظ تي منڊيئڙو پائي ڇڏيان.

توکي مادي کي روح تي ترجيح ڏيڻي ئي پوندي ڇو ته مون وارو سچ قطعي ۽ معروضي آهي- جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پوءِ هو مزدور تضاد جي طوفاني سفر مان اُڪري، هن وقت پنهنجو پيٽ پنهنجن هٿن سان قائم ڪيل مل جي اٽي سان نه ڀري ها.

منهنجي ذات هڪ ٻاريل ڏيئي مثل آهي، جنهنڪي جا ٻه روشني آهي اُها سماج ئي عطا ڪئي آهي.

رجعت پرست ڪنهن ٻه شيءَ کي هڪ رنگ ۾ ڏسڻ جو عادي آهي. ترقي پسند جي دنيا رنگن جي دنيا ٿيندي آهي. هڪ شين جو قد گهٽائيندو آهي ۽ ٻيو قداور کي وڏيڪ قداور ڏسڻ چاهيندو آهي.

مونکي زندان جي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري منهنجي شاعريءَ جي سمونڊ کي بيٺل تلاءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش نہ ڪر. جيڪڏهن تو وٽ مون واري اک آهي تہ تون ڏسندين تہ منهنجو تخليقي ساگر هن وقت بہ اڳ وانگر بي ڪنار آهي، جنهن ۾ توکي ساڳيون لهرون ۽ ساڳيا لوڏا نظر ايندا.

تون ڦاهيءَ چاڙهي مونکي ماري سگهين تہ پلي مار. موت واري رستي تان مونکي اڳي پوءِ گذرڻو ئي تہ آهي جتان منهنجي نئين زندگيءَ جو آغاز ٿيڻو آهي. تو جنهن سقراط کي مئل سمجهيو آهي اُهو اجان زنده آهي.

مان شاعر آهيان۔ تون منهنجا شعر پڙهي مونکي غدار ٿو سڏين. تو کي خبر آهي تہ جڏهن ديس جي ڌرتيءَ کي سج شفاف ۾ ڪير جهڙن اُجرن ڪرڻن جي چادر پهرائيندو آهي، جڏهن سانوڻيءَ ۾ سهانجڙا منهنجي نظر کي تازگي بخشيندا آهن، جڏهن شام ويلي ڳوٺاڻيون کوهن ۾ گهڙا لاهينديون آهن، جڏهن اٽي جي مل مان دونهون نڪرندو نظر ايندو آهي، ان وقت مان ديس جي ڌرتيءَ تي سيس نوائيندو آهيان۔ تون پوءِ بہ چوين پيو تہ مان غدار آهيان. هائو مان غدار آهيان ڇاڪاڻ تہ اڪ، اڪ سان ملائي تنهنجي ٽيڙي جهليل بندوق تي ۽ توتي مان هر دفعي نئون وار ڪندو آهيان.

منهنجا پاءُ ڪير ٿو چوي تہ آزادي بحث ۽ دليلن سان ماڻي سگهبي آهي. اُتي، جبر ۽ تشدد کي منظم ڪر ۽ مٿيري رکيل هن وچين ڪرسيءَ تي ويٺل غير فلسطينيءَ جي رت سان پنهنجي خنجر کي وضو ڪراءِ.

اي منهنجا ايشيائي پاءُ! اڄ پهريون ڏينهن آهي جو آءُ پنهنجي آزاد وطن ۾ ساهہ کڻي رهيو آهيان. هاڻي، هيءَ بندوق آفريڪا ۾ سامراجي راڪاس تي گوليون وسائيندي جتي منڊيلا، منهنجو پاءُ، مونکي سڏي رهيو آهي. تو کي خبر آهي تہ منڊيلا جو زندان گوريلن جي ڪئمپ بڻجي چڪو آهي!

تون چوين پيو تہ آمريت وسيلي عوام تي گهٽي ڪان گهٽي وقت تائين قابض رهي سگهبو آهي. مير رستم بہ بلوچ سردارن جي مدد سان آمريت قائم ڪري ورتي هئي- پوءِ تہ هر دور جي آمريت جو انجام هو صورت ۾ 1843ع واري قائم ڪيل آمريت جهڙو هئڻ لازمي آهي.

ꕥ

منهنجا پٽ! تون ٻڌائڻ آيو آهين تہ آريسرن[1] جي محاذ تي پنجاهہ ۽ ڄامن جي پڙ[2] ۾ بہ سؤ ڪونڌرن ڌرتي- ماتا کي رت جو ريج ڏنو آهي- اُٿ، ڪڻ اِها ڦتي ڪيل بندوق- هاٿي جو هاٿي پهچ ننگر ٺٽي واريءَ ڪور[3] تي جتي چالبازيءَ سان دشمن ٿيون محاذ کوليو آهي. آزادي ملڻ کانپوءِ منهنجا پٽ! توکي خبر پوندي تہ آزاديءَ لاءِ وڏي ۾ وڏي قرباني بہ تنهنجي برابر ٿيندي آهي.

ꕥ

(1)، (2) ۽ (3) خيالي ورتل، ڪور= ننڍڙو واهہ.

مون پنهنجيءَ محبوبا کي چيو: “اڄ ڏاڍو اداس آهيان- مونکي اکين ۾ ويهاري ڇپر واري ڇڏ تہ ڪا گهڙي غم غلط ڪيان.” چيائين: “منهنجي هڪ اک اُٿي پئي آهي، جنهن ۾ ڏاڍو سور آهي- اُن ڪري توکي وهارڻ جي ڪا بہ گنجائش ڪانهي- منهنجي ٻي اک هن ڪائنات جي ڪليل ڪتاب جو مطالعو ڪري رهي آهي.”

مون ڪيس چيو: “مان ڪهڙو تنهنجي ڪائنات واري ڪتاب کان گهٽ آهيان؟” منهنجي محبوبا ٻانهون ڊگهيري، ڀاڪر ۾ آٽي مٿان وار وڇائي مونکي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو. مون سوچيو: هن کان وڌيڪ غم غلط ڪرڻ جو ڀلا ٻيو ڪهڙو طريقو ٿي سگهي ٿو! پٽائيءَ بہ ائين ئي سوچيو هوندو.

صبح ٿي چڪو هو. سج جي ابرڪي ڪرڻن فطرت کي اڇو لباس پهرايو هو. آءُ دستور موجب برساتي نالو اُڪري رهيو هئس. هوا جي هلڪڙن جهوٽن تي شبنمي قطرا ساون ٻوٽن ۾ پينگهون ٻڌي، لڏي رهيا هئا، ڄڻ جوهريءَ جي شوڪيس ۾ موتين جا هار لٽڪي رهيا هجن. ٿورو اڳيرو انساني قد جيڏن پيلن ۽ ٻاڙهن گلن جون قطارون نظر اچي رهيون هيون جن جي ڦهلايل ٽارين کان ماڪ جا ڦڙا مِٺيون وٺي رهيا هئا ائين ڄڻ ڪي ساٿي ٻانهن ۾ هار لٽڪايو ڏيساور کان ايندڙ ساٿين جو انتظار ڪري رهيا هجن.

هومر، سقراط، بقراط ۽ سوفڪلز کي ياد ڪندي، منهنجي هڪ فلسفي دوست ٿڌو ساهہ کڻندي چيو: “يونان بہ اسان جي سنڌ وانگر بس رڳو ماضي آهي.” مون ڪيس اشارن ئي اشارن ۾ جواب ڏنو تہ مان گونگو ٿي چڪو آهيان ۽ اهڙيءَ حالت ۾ فقط اکيون ئي اهڙن سوالن جا جواب ڏيئي سگهنديون آهن. مون اشارن ۾ پنهنجي فلسفي دوست کي اجان ڪجهہ وڌيڪ ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ منهنجين اکين ڇپرن جا بند ڀڃي لڙڪن وسيلي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

سطحي ادب جي ايڏي تعريف! ان ڪري ئي تہ تون ادبي دنيا ۾ ڏينٽڙي لڳندي آهين!! تون مشاهدي کي ريشم جي ٿانَ وانگر ٿهلاءِ. سورج کي ڏس، جيڪو صبح کان شام تائين اوڀر کان اولهہ تائين پنهنجو مشاهداتي سفر جاري رکيو اچي.

ياد رک تہ منهنجون اکيون آسانيءَ سان ڏوڪو نہ ٿيون ڪائي سگهن. هان، منهنجو شعور بہ تہ ڪڙيءَ چڙهيو جوان آهي ۽ منهنجو تجربو بہ منهنجي مشاهدي ۽ مطالعي جو سڳو پاءُ آهي. اجان هاڻي، هاڻي ڏسي آيو آهيان تہ مون جهڙا ماڻهو ڪاپاڻيون هٿن ۾ ڪيو پيهن تان جهار اڏاري رهيا هئا- جوار ۽ ٻاجهر جا سنگ سجدن ۾ وڃي ڌرتيءَ جي حسن ۽ ڪارج جو اقرار ڪري رهيا هئا- بس، جوار، ٻاجهر، سنگ ۽ ماڻهو- اهو ئي تہ سڀ ڪجهہ آهي جيڪو ڌرتيءَ جي گولي ڪي ان- داتا چورائيندو آهي! ۽ مان اُن، ان- داتا ڪي مخاطب ٿي پڇائي جي هي سٽ دهرائيندو آهيان. ”منگ تنهين ڪان مڱڻا! جو ڏهاڙي ڏئي.“

ذاتي ۽ اجتماعي حقيقتن کي سچائي ونڻ ايڏو مسئلو! رجعت پرستي ۽ ترقي پسند لاڙن ۾ اوندهہ ۽ روشنيءَ وارو فرق آهي، ڏنو ٿئي تہ اوندهہ ۾ پاڻيءَ تي ڪنول جا گل ڪهڙا نہ سهڻا لڳندا آهن، جن تي ستارا نور جي ورکا ڪندا آهن.

❧ ❧

هيترن جيئرن جاڳندڙ انسانن جي وچ ۾ مُردن ۾ نالي لکائڻ جو ڇا مطلب؟ تو ڪان تہ هو ٻير جو وڻ وڏيڪ سرت پريو آهي جيڪو ڪنڊن جا دام وجهي، هر ايندڙ ويندڙ کي پيو ٿو ڳاڙها ٻير اَڇي.

❧ ❧

ڪنهن چيو: "مجسمن ۽ ڇيڻين جي ڳالهہ نہ ڪندو ڪر- ڪفر بکڻ نہ تنهنجو شيوو آهي ۽ نہ مون ٻڌڻ واري جو." مون چيو: "ڇا ڪنهن بہ پٿر کي ڪا شڪل ڏيڻ ان پٿر کان وڏيڪ ڪارائتو عمل ناهي جيڪو صدين کان پاڻ بہ ساڳيو پٿر رهي ۽ اکيون بہ زخمي ڪندو رهي؟"

❧ ❧

مون کي پڇري جو پنڇي نہ سمجهہ جنهنجي اُڏام پڇري جي هڪ تيليءَ کان ٻيءَ تيليءَ تائين محدود هوندي آهي۔ هٿ نرڙ تي رکي، ڪڙيون ڪٽي جاڏي بہ نهاريان ٿو تہ هن پوري ڪائنات کي اکين ۾ سمايو چڏيان مان ئي تہ دنيا کي ٻڌايو آهي تہ جتي نظر ڪٽي ٿي ان کي آسمان چئبو آهي، مصور پنهنجن تصويرن کي چيري، ڦاڙي ڦٽي ڪرڻ بدران فريمن ۾ محفوظ رکڻ پسند ڪندو آهي چاڪاڻ تہ انهن شهڪارن جي رنگن کي ڪا بہ قيامت نٽي ڊاهي سگهي۔ هوا، پاڻي، روشني ۽ مٽيءَ جي ميلاپ سان ماڻهوءَ ۾ هڪ اُها سگهہ جڙي راس ٿي ٿئي جنهن تي فنا جي ليبل لڳائڻ سان ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي.

مسئلو لاڳيتو قدمن کڻڻ جو آهي ۽ نہ تيز ۽ اُڀري ڊوڙڻ جو. تون پلي پير، پير ۾ ملائي هل، پر هلندو هل توڪان ڪڇون ۽ خرگوش واري گوءِ وسري وئي آهي ڇا جنهن ۾ خرگوش وڻ هيٺان آرام فرمائي رهيو هو ۽ گلن جا هار ڪڇونءَ کي پارايا ويا هئا؟

هر شيءِ جا وجود رکي ٿي حسين هوندي آهي مگر اک، اک جو فرق هوندو آهي۔ اک جي اڳ يا پوءِ بند ٿيڻ يا گهٽ وڌ کلڻ وارو مسئلو ناهي. هي سڀ ڪجهہ ماڻهو ۽ فطرت کي سمجهڻ واري سگهہ تي مدار رکي ٿو.

ڇا معاملو آ؟ اڄ تنهنجي پٽڻ تي وڏ وڏ جا ماڻهو نظر اچي رهيا آهن جن کي تون پار به اُڪاري رهيو آهين ۽ سينڍ ۾ مارئي به ڳائي رهيو آهين! ڇا تون سنڌ جي نئين تاريخ لکڻ ٿو چاهين؟

منهنجا پٽ! مون ڪان پوءِ به تون قلم ۽ بندوق کي پاڻ لاءِ نه پر وطن وارن لاءِ پيو استعمال ڪجان، جن ۾ تون پاڻ به اچي وڃين ٿو.

پٽڙا! تون رڳو ايترو ڪجان جو منهنجي مئي پڇاڻا تون جيڪو وقت روج راڙي ۾ گذارڻ چاهين اُهو وقت منهنجن ڇڏي ويل قلمي نسخن کي ڇپرائي پڌرو ڪرڻ ۾ گذارجانءِ.

“اُلفت جي اسيرن کي ماري وئي تنهائي تون ياد وري آئين، تون ياد وري آئين.” مون کي ڪا بہ خبر ڪانهي تہ هي سٿون ڪهڙي شاعر جون آهن- مان رڳو ايترو چئي ٿو سگهان تہ اهي سٽون انهن تخليقڪارن منجهان ڪنهن بہ هڪ جون ٿي سگهن ٿيون جن لاءِ هڪ قديم يوناني فلاسافر چيو هو تہ تخليق جو ڪم فقط ٻن هستين کان ٿي سگهندو آهي. هڪ ديوتائون ۽ ٻيو شاعر.

“محبت” ڪٿي جنم وٺندي آهي؟ اُتي، جتي آزادي، جمهوريت کي مسند تي وهاري سچ ۽ سونهن جا گيت ڳائيندي آهي. “نفرت” ڪٿي جنم وٺندي آهي؟ جتي اَمر عقل ۽ زبان کي تالن ۾ بند ڪرائي اڻ ڪٽي اچي مسند تي وهندو آهي.

منهنجي مري وڃڻ کان پوءِ مون کي پڪ آهي ته منهنجا گيت به مون وانگر مري ويندا نه، نه ائين ڪڏهن به نه ٿيندو. نه تون مرندين نه تهنجا گيت. ڇو ته تنهنجا گيت فنا جا مرحلا طئي ڪري هن وقت بقا جو پروانو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهن.

ڪا به ڪم واري شيءِ جنهنجو ڪارج زندگيءَ جي بقا لاءِ تيل ۾ ڪاٺين جو ڪم ٿو ڏئي، اُها شيءِ احترام جوڳي آهي. مان اُن شيءِ سان عقيدت جو اظهار ”پيار“ سان ٿو ڪيان ۽ تون ان کي ”پوڄا“ ٿو سمجهين! ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور آهي؟

تنهن جي ڪُنيءَ ۾، تريءَ تي ڪائڻ لاءِ ڏيڍ چانور چاڙهي، هٿ ۾ انا جو جهنڊو کڻي تون پاڻ سان ظلم ٿو ڪرين! انا جي خول مان نڪرڻ ڪان پوءِ تو کي پنهنجو وجود انيڪ وجودن جو مرڪب نظر ايندو ۽ هر وجود ۾ تو کي پنهنجي وجود جا سوين عڪس ۽ اولڙا نظر ايندا. اي پٽ! تون جڏهن به پنهنجي ”مان“ واري دڪان کي ڊاٺو ته پوءِ تو کي هنن اکيچار سکن جو هڪ جاءِ تي ڦٽي پوڻ جو راز خودبخود معلوم ٿي ويندو.

مان گونگو ناهيان. مان ڳالهائيندو آهيان، پر تنهنجي سوال جو جواب ڪو نه ڏيندس. منهنجي قومي سڃاڻپ منهنجي ماڳ، منهنجي ٻولي ۽ منهنجي ثقافت سان آهي، جنهن لاءِ تو کي منهنجي شاعري پڙهڻي پوندي. منهنجي شاعري. جنهن ۾ مون وٽ ڏٽ ۽ ڏئرن پُسين ۽ پيرن جي ويهي خوشبوءِ پري آهي.

سنڌوءَ کي جنم ڏيندڙ سپ قطرا مانسرور جي پيالي کان چميون وٺندا آهن. مون لاءِ سنڌوءَ جو هر قطرو معنيٰ ٿو رکي جيڪڏهن ڪو فرق آهي تہ اهو ان زمين جو آهي، جن جي اُهي قطرا آبياري ٿا ڪن.

جي گويرا، ڪاسترو کي لکيو: "دنيا جون قومون منهنجي نا چيز ڪاوش کي سڏي رهيون آهن- مان اهو ڪجهہ ڪري سگهان ٿو جيڪو تون ڪيوبا جي سربراهہ هئڻ جي حيثيت سان نہ ٿو ڪري سگهين." مون کي انتظار آهي ڪاسترو جي اُن "موت" جو جيڪا چيءِ کي ملٽي آهي.

منهنجي ساٿيهہ جو ڪو اهڙو هڪ بہ رهواسي تو
ڪي نہ ملندو جنهن ڪي تون شطرنج جو مهرو بڻائي
پنهنجي مرضيءَ سان اڳتي پنتي يا ساڄي کاٻي
هلائين. منهنجي ديس ڏي اک کڻي نهارڻ وارا! سڀ
ڪان پهريائين توکي منهنجي سيني ۾ ٻرندڙ ڪُوري
مان گذرڻو پوندو. جيڪڏهن تون گذري سگهين
تہ- هنن منهنجن ٻانهن جي ٻُرجن کي ڊاهڻو پوندو
جيڪو تون ڊاهي سگهين تہ- مون لاءِ نہ تون
فرنگي ٿي، منهنجي ڌرتيءَ کي ڦٻائي سگهين ٿو ۽
نہ مان ئي تو لاءِ مير سهراب. ٻڌجي تنهنجي
جهوليءَ ۾ پنهنجو ملڪ اُڇلائي سگهان ٿو.

تنهنجو مذهب؟

“ماڻهپو”

پلا تون ڪير آهين؟

صوفي،

صوفي مذهب يا تحريڪ؟

بحث کي ڇڏ، ٻڌاءِ ته تو واري ماڻهپي جون خوبيون ڪهڙيون آهن؟

ماڻهپي جي خوبين ۾ به ماڻهپو ئي هوندو آهي. يعني حسن ۽ عالمگير محبت_ اهي خوبيون تو منهنجن تخليقن مان ته نه هٿ ڪيون آهن؟ منهنجون تخليقون_ جن جي ڪئنواس تي “حسن ۽ عالمگير محبت” جون تصويرون چٽيل آهن.

جيڪڏهن زندگي ڪي حسين بڻائڻ چاهين ته هن جام ڪي پيار ۾ پاٻوهه سان آهستي، آهستي اندر ۾ اوتي ڇڏ. ظاهر آ ته تنهنجيءَ طبيعت ۾ تحرڪ ۾ هلچل پيدا ٿيڻ ڪري تون پاڻ ڪي ٻين کان مٿڀرو محسوس ڪندين ۽ هان، ٻيا به توکي ذهني طور پاڻ کان ڪٽيل ۽ نرالو سمجهندا ۽ پوءِ اُها ڪارائتي ڳالهه جا هوند حجاب ۽ ذهني هڪجهڙائي کان تون نه چئي سگهيو هوندين اها تون آسانيءَ سان چئي سگهندين.

حال ۽ ماضيءَ ۾ وڏو فرق آهي. ماضيءَ جو شاعر مسئلن کان آگاهي ڪري، ڪو نہ ڪو علاج تجويز ڪري مٿي ڪان ٻانهن ڏئي سمهي پوندو هو مان اڄ جو شاعر آهيان ۽ قلم سان گڏ تلوار واري محاذ تي بہ وڃي سگهندو آهيان.

چڱيون خاصيون صديون اڳ جيڪڏهن سنڌ تي مڪراني ساحل کان حملو نہ ٿئي ها تہ سنڌ جون حدون هن وقت اتر ۾ ڪشمور، اوڀر ۾ گجرات ۽ ڪاٺياواڙ، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۽ اولهہ ۾ ايران ۽ ايراني بلوچستان هجن ها.

جڏهن شاعرن جي روحن کي خلقيو ٿي ويو تڏهن موت جي فرشتن احتجاج ڪيو هو. روحن جي خالق زندانن جا دروازا، ڦاسي گهاٽ تي ٽنگيل سرڪڻ ڦاهيون ۽ نيرين. ڳاڙهين ٽوپين وارا ڏيڪاري، فرشتن کي ٽٽو ڪيو هو.

شاعر جو ذهن هڪ اهڙي ريڊار مثل آهي جنهن ۾ ماضي ۽ حال سان گڏ هو مستقل جا عڪس ۽ اولڙا، وقت جي حڪمران کان اڳ ڏسي وٺندو آهي.

سنڌ جي ماڻهن جو امن پسندي ۽ عالم دوستيءَ جو اهو مثال ڪافي ناهي ته تاريخ جي ڪنهن به باب ۾ ان قسم جي ڪا هڪ به شهادت نٿي ملي ته ڪو سنڌين، سنڌ کان ٻاهر نڪري ڪنهن انساني بستيءَ تي لشڪرڪشي ڪري سنڌ جي سرحدن کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

تون پنهنجي ئي ديس ۾ پنهنجي ئي هٿن سان انهن ڪارخانن ۽ ڪيتن کي چوچي ڏيئي ايڏو وڏو نقصان ڪري رهيو آهين! هائو، ڏسين نٿو ته هنن ڪيتن ۽ هُنن ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ اهڙو ڪو به پيٽ- پوڄارو ڪونهي جيڪو منهنجي ڪنهن سوال جو جواب مون واري ٻوليءَ ۾ ڏئي سگهي.

مونکي منهنجيءَ محبوبا چيو:
“مان ڪاري ۽ ڪوجهي آهيان، ان ڪري تو واري پيار ۾ نفرت به شامل آهي. ڇا اهو ڪافي ناهي ته مان عورت جو روپ وٺي تو وٽ حاضر ٿي آهيان؟
مون پاڻ کي پنهنجي محبوبا جي وجود ۾ گم ٿيندي محسوس ڪيو هو.

اها پوڙهي تنهنجي ڇا ٿئي؟ منهنجي ماءُ آهي مان کيس امان سائڻ چوندو آهيان. ڀل ڏرتيءَ سان تنهنجو ڪهڙو رشتو آهي؟ بس، امان ۽ ڌرتيءَ واري رشتي وارو فرق. امان منهنجي ماءُ ۽ ڌرتي جڳ جي ماءُ آهي.

انسان ۽ شيطان ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ انسان ۽ ڏور ۾ فرق پڇين ته ٻڌايانءِ باقي اڻ ڏٺلن جا مونکان فرق نه پڇندو ڪر.

تون مونکان پڇي رهيو آهين تہ مان ڪهڙي وقت لکندو آهيان۔ پرهہ ڦٽيءَ يا منهن انڌاري؟ مان توکي عمر ڀر جي تجربن ۽ مشاهدن جو عمل ۽ ردعمل واقع ٻڌائڻ تي مجبور ٿيو آهيان. هان، پر هي ڪو يوناني نسخو بہ تہ ناهي جو ڳنڍڙي ٻڌي پاڻ سان گڏ قبر ۾ کڻي وڃجي. هي تہ زندگي کي معنا بخشيدڙ اُها عرق ريزي آهي جا جيئن ڪُلي تيئن خوشبو ڪري. هتان اچي ويھ تہ ٻڌايانءِ۔ ماحول ۽ وقت جون گرم۔ سرد هوائون پاڻ ۾ طوفان واري طاقت ۽ هلچل پيدا ڪري جڏهن منهنجي دل ۽ ذهن جا سڀ در ۽ دريون مڪمل طور کولي ڏيندي‌ون آهن اُن وقت مان هوائن جي شدت ۽ تيزيءَ سان قدم قدم ۾ ملائي هلڻ خاطر لکندو ويندوآهيان۔

اوندهہ برابر هڪ سنهڙو پردو آهي جنهن کي چاڪ ڪرڻ ٻاراڻو کيل ناهي۔ ٿي سگهي ٿو تہ توکي اِن پردي هٽائڻ ۾ سالن جا سال لڳن۔ پر اهو بہ ممڪن آهي تہ تنهنجي ٻيءَ وک کڄڻ کان اڳ ۾ ئي اهو پردو چاڪ ٿي وڃي۔

ٻٻرن جي وڻن هيٺان جڏهن دمڙا ڦٽڻ ڇڏي ڏيندا۔ مينهون جڏهن کير ڏيڻ ڇڏي ڏينديون۔ ڳجهون اَنن ڏيڻ بدران جڏهن ٻچا ڄڻڻ شروع ڪنديون۔ عورتون جڏهن انا لاهڻ شروع ڪنديون۔ تڏهن قيامت ايندي.

امان! تون اڄ پئي ٻڌائين تہ تنهنجي زندگيءَ جو نالو "تاجل" آهي مان تہ هر هڪ موڙ تي چوندو رهيو آهيان تہ منهنجي زندگيءَ جو نالو "پناهہ خاتون" آهي. ۽ الائي تہ ڇو پوءِ بہ تنهنجي تارازيءَ جو پڙ ڳورو ٿو لڳي!

آسمان ۾ ڪڪر ڏسندي، جبل تان ڪاهوڙي لهندي، ڪنهن ڏهر ۾ ڏئو ٻرندي، پکين جو واهيرن ڏانهن ورندي، لوهار کي لوهہ ڪٽيندي، سڙهن جا ساڪا ٽٽندي، مونکي پٺائي ياد اچي ويندو آهي.

پيراميٽس جو نالو سامهون ايندي مونکان اُن جي تخليڪار اَسڪائيلس جو نالو وسري ويندو آهي۔ پراميٿس، جنهن انسان کي باهه ٻارڻ، واهولو ۽ ڪارائي استعمال ڪرڻ، طب جي نسخن ۽ سامونڊي سفر کان واقف ڪيو هو جنهنجي بدلي ۾ ڪيس چوءِ ڪنهو رسين ۾ جڪڙي سندس دل تي باز ٻچائي ڪيس عذاب ڏيئي ماريو ويو هو.

تون چاهين ٿو تہ مان ڪنهن طرح پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري تنهنجي پيش پوان. جيئن تون منهنجا ئي ڦٽي ڪيل هٿيار مون تي سڌا ڪري سگهين۔ اي مسلمان! اجان ڪالهہ پئي ڪنهن چيو هو تہ مومن بي تيغ بہ وڙهي سگهندو آهي.

اهو ڊراما نويس ۽ شاعر سونوڪلس هو جنهن کي فوج ۾ جنرل جو عهدو ڏنو ويو هو۔ مان بہ شاعر آهيان پر هن ماحول ۾ مان جنرل ڪو نہ ٿيندو سانءِ. ائين نہ سمجهہ تہ مان ڪو گيدي ۽ غدار آهيان۔ مان رڳو ماڻهوءَ جي ڪردار جي ڳالهہ پيو ڪيان۔ مونکي ڇڏ تہ مان تخليقار ئي رهان مٽان مور جا پَرَ لڳائيندي، مونکان منهنجي اصلي چال ۽ اڏام نہ وسري وڃي۔ اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ منهنجي ڌرتيءَ کي ڌارين جي يلغار کان بچائڻ واريءَ مهم ۾ مان هڪ معمولي "سپاهي" بہ ٿيڻ قبول ڪيان۔

توکي سلام آ۔ تون بيشڪ راڄ۔ راڻو آهين مون پڪاريو، تنهنجي هٿ مان گرهه ڪري پيو۔ مان عقابن جي ور چڙهيس، تو ڪمان تي زهه چاڙهيو۔ مان بک تي مئس، تو موڏانهن مترڪو اڇلايو۔ مون آزاديءَ جو نانءُ ورتو، تو زنجيرن کي ٽوڙڻ سيکاريو۔ مون پٽتي نهاريو، تو اڳتي ڏکو ڏنو۔ تون بيشڪ راڄه۔ راڻو آهين.

هڪ دوست همدرديءَ خاطر پڇيو “تون سڄو سال پنهنجن ماڳن ۾ مڪانن کان هڪ هزار ميل ڏور گذاريو آهي. اخبار ۾ ڇپجڻ جهڙو ڪو تنهنجو مسئلو؟” جواب ڏنم: هائو فقط هڪ مسئلو. عالمي نوعيت وارو مسئلو. مون واري دوست حيرت ۾ پوندي پنهنجي پڇيل سوال جي وضاحت ڪندي چيو: مان دنيا جي گڏيل رياستن واري اداري جي نمائندگي ڪين پيو ڪيان مان فقط تنهنجن ڪن ذاتي مسئلي بابت سوال ڪري رهيو آهيان. مون جواب ڏنو: منهنجا خوبصورت دوست! ڪي انفرادي مسئلا بين الاقوامي بہ ٿي پوندا آهن مون ڪي منهنجو دوست سوالي اکين سان گهورڻ لڳو. وراڻيم: آءُ صبوح جو سويرو اکيون مهٽي پيرين اگهاڙو گنجيءَ گوڏ ۾ پنهنجن هٿن سان پوکيل پيئنديِن ۾ ٽماٽرن کي پاڻي ڏيئي رهيو هيس تہ در تي بيل وڳو سوچيم: ڀاريدار هوندو. آيو آهي عيد وٺڻ. پاڻيءَ وارو پائيپ ڦٽو ڪري پنج روپيا مٺ ۾ وجهي بي ترتيب وارن کي ابتيون سبتيون آڱريون ڦيري در ڏانهن ويس. ڏٺم تہ اسان واري سيڪٽر جي بنگلن ۾ رهندڙ اڏ درجن آفيسر نوان نڪور ڪپڙا پهري مون سان عيد ملڻ آيا هئا.

هڪ پاڙيسري زرق برق ڪپڙن ۾ ملبوس ٿي. مٿي ۾ ٽوپي وجهي مون وٽ آيو. مان اُن وقت ننڍ مان اٿي پاڻيءَ جون ڪي لپون مُنهن تي هڻي انگور جي ولين ۾ جَون جي ٿُڻن کي پاڻي ڏيئي رهيو هيس اچڻ سان چيائين: اڄ عيد آهي نماز تي ڪو نه هلندين ڇا؟ مون کيس جواب ڏنو: معاف ڪر، عبادت جو وقت آهي، عبادت پيو ڪيان."

آءُ جئين آفريڪا جي جهنگل مان گذري رهيو هئس تہ اوچتو نظر وچي هڪ ماريءَ تي پئي جيڪو پکين جا آکيرا ڊاهي منجهن ڪجھ ڳولهي رهيو هو. اڳيرو وڌي ڪيس چوڻ لڳس. اي نوجوان! تون ڪيڏو ن پلل آهين جو پنهنجي ديس جي پکين جا گهرڙا تون پاڻ پنهنجي هٿن سان پيو ڊاهين! هُن وراڻيو: اي مسافر! پلي ڪري آئين. اڇ تون بہ اچي هن ڪم ۾ مون کي مدد ڪراءِ. تون مان گڏجي گهڻي ڪان گهڻا آکيرا ڊاهي سگهنداسون مون وراڻيو: اي دوست, سنڌ. ولائت جي وڻن ۾ جيڪڏهن پکين جا جوڙيل آکيرا ڏٺل نہ هجن ها تہ ان ڪم ۾ بيشڪ مان تنهنجي مدد ڪيان ها.

سنڌي ٻولي دائم قائم رهندي ايستائين، جيستائين مائرون ٻچڙن کي لولي ڏينديون رهنديون. اها زبان ڪڏهن به نٿي مري، جنهن جا ڳالهائيندڙ اُن ئي مٽي مان، اُن ئي ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا آهن، جنهن ڌرتيءَ جا ماڻهو ڪنهن ٻي ڌرتيءَ جي ٻولي ناهن ڳالهائيندا.

منهنجي جهول ۾ گل ۽ تنهنجي جهول ۾ پٿر- بس، اهو ئي فرق آهي ڏٽيءَ ۽ ڏاڙيل ۾.

اي قيدڻ! مان هن ئي زندان جو مالهي آهيان- هي هار ۽ گلدستا مون تولاءِ نہ، پر هن بنديخاني جي جيلر لاءِ ٺاهيا آهن. ها، پر هيءَ دري بہ تہ مون تولاءِ ئي کولي ڇڏي آهي، جيئن خوشبوءِ تو تائين پهچندي رهي.

سنڌ منهنجي ماءُ آهي، جنهن جي ڇاتيءَ مان “ٿج” جا چشما ٿا ڦٽن ۽ مان کير جا پيالا پريل ڪٽورا پيئندو رهان ٿو. اي سنڌ! مان تو تي لکندو رهندس. ڪاش! مان مران، ته اُن وقت به منهنجي هڪ هٿ ۾ قلم ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪاغذ هجي، جنهن تي مان لکندو رهان: ــ سنڌ منهنجي امان!”

وطن، وطن ٿيندو آهي. تون ڇو ٿو چوين ته مان هڪ ڏتڙيل قوم جو فرد ۽ غريباڻي ديس جو رهواسي آهيان. جتي نه وائيٽ هائوس آهي ۽ نه هائيڊ پارڪ. تو اُن ڳيريءَ کي نه ڏٺو آهي جنهنجو آڪيرو سڪل سڙيل وڻ ۾ هوندو آهي؟ جا لُڙئي پاڻي جي تلاءُ مان پاڻي پِي، سرگم جا سُر ڇيڙي وري به وڃي اُن سڙيل سڪل وڻ تي وهندي آهي.

هڪ ڏينهن هڪ ڪانو جهرڪي کان پڇيو: “سونهن ڪٿي هوندي آهي؟” جهرڪيءَ جواب ڏنو: “اڄ تہ توڪي ڏيکاريان تہ سونهن ڪٿي رهندي آهي. ائين چئي جهرڪي هڪ ننگي پهاڙيءَ جي پرسان هڪ سڪل وڻ تي وڃي ويٺي. جنهن وڻ ۾ سنديس آکيرو هو.

هڪ دوست پڇيو:
“اتي ڇا پيو ڳولهين؟”
جواب ڏنم.
“اُن پيڳل ڏئي کي پيو ڳولهيان جنهن کي جلائي، اڄ کان ڇاليهارو سال اڳ مان هن اجاڙ بستيءَ ۾ ڪاٺ جي پٽيءَ تي الف_ ب لکندو هئس:

تنهنجي ماءُ توکي هن روشين جي شهر ۾ به سٺي نٿي لڳي. مونکي ته منهنجي ماءُ اُن ڪکائين گهر ۾ به سٺي لڳندي هئي جنهن گهر ۾ سياري جي لُري اسانجا عضوا وڍيندي هئي ۽ ساوڻ جي لُڪ ڪوري ۾ ساڙيندي هئي.

بس، تو ۾ ۽ مون ۾ فقط اهو فرق آهي جو تون ڏيساور مان اَٽايل اناناس پيو کائين ۽ مان هن واهيءَ مٿان بيٺل هن وڻ جا توت. تون ڊنمارڪ جي ڊبل روٽي ۽ مان ٻاجهريءَ جو ڍوڍو.

مان جڏهن لکندو آهيان ته ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ماڪيءَ جو ڦڙُ پٽڪي جي پلاند ۾ وجهي، هٿ جي پنجن ئي آڱرين جي زور سان نپوڙيان پيو ۽ هيٺان ماکي لارون ڪري پئي ڳڙي.

هڪ دوست پڇيو:
”ٿ ـ سٿن لکڻ مان توکي ڪهڙو ٿو مزو اچي؟“
کيس جواب ڏنم:
”تو انگوڇي ۾ سٽيل جوئر جا اَيُون ڪاڏا آهن؟ تو سڪل ڪانڌيرن ۾ چٽن جي ڦوٿن جي ڪيل ڏڏڙي ڪاڏي آهي؟ تو ٻاجهريءَ جي مانيءَ تي مکڻ جو چاٽو رکي نيرن ڪئي آهي؟“

جڏهن شهيد ذوالفقار کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو اُن وقت هن باغ جا سپ پکل ڏاڙهون ڦاٽي پيا هئا ۽ سندن ڳاڙها داڻا سڄي باغ ۾ پکڙجي ويا هئا.

جڏهن شهيد ذوالفقار کي ڦاهيءَ تي پئي نيائون تڏهن زندان جا گهنڊ وڄڻ لڳا هئا ۽ برجن تي بيٺل پهريدار ڪنن ۾ آڱريون وجهي دروازن ڏانهن ڊوڙيا هئا.

هڪ فلسطيني، پڪيءَ سان مخاطب ٿي ڪيس چيو:
“مان ماٺو آهيان. مونکي سرحد ٽپائي، پنهنجن ماڳن ۽ مڪانن کان ڌڪي ڌار ڪيو ويو آهي. تون پکي آهين ۽ پنهنجي آکيري مٿان ڇهچ سائي لام تي صبوح جو گيت ڳائي رهيو آهين، ماٺو ٿيڻ، ماٺو سڏائڻ ڪيڏو نه مشڪل آهي!”

“شل! تنهنجن ٻچن کان اُها زبان وسري وڃي جيڪا زبان سندن ماءُ ڳالهائنيدي آهي.”
آوار زبان جي ڪوي حمزي رسول جي ڪتاب “منهنجو داغستان” ۾ مون جڏهن مٿي ذڪر ڪيل جملو پڙهيو هو، اُن وقت مون پنهنجيءَ ماءُ اڳيان سر جهڪائي ڌرتيءَ کي چميو هو.

ڏسين نٿو تہ هوءَ ماءُ پنهنجي ٻالڪ کي ٻبي چڳڙ ڏئي رهي آهي. تون تيستائين ان بندوق کي خاموش رک جيستائين هو ٻار ماءُ جي ڇاتيءَ مان منهن ڪڍي، تو ڏي نهاري.

تو مونکي سرحد کان هُن پار فئر ڪرڻ لاءِ بندوق تہ ڏني آهي پر، تون اهو ٻڌائي سگهندين تہ تيستائين مان ڇا ڪيان جستائين ٻالڪ ننڍ پيا آهن ۽ ڪي ٻارڙا ماءُ جي ڇاتيءَ مان کير پي رهيا آهن.

ڪجهہ وقت کان مان پاڻ کي اڪيلو اڪيلو پيو محسوس ڪيان. ائين پيو لڳي جڻ ڪا ڇِپَ ڪنهن سج ۾ پنهنجي موجودگيءَ جي احساس ڏيارڻ لاءِ مٿون ڦوڪي، ڪڪرات پئي ڪري.

سرحد کان گذرندي، هڪ ڪرڙوڊ جي پنهنجي ننڍپڻ جي دوست سان ملاقات ٿي وئي. اڪ- ڇنڀ ۾ گولين جي بارش ٿيڻ لڳي. ڪي انقلابي گولين جي سر- تال تي پهاڙن ۾ شگاف وجهندڙ گيت ڳائي رهيا هئا. پر ڏيهيءَ پنهنجي دوست کي چيو:
“ڇا تون مونکي پنهنجي گهر نہ وٺي هلندين؟”
ڏيهيءَ جواب ڏنو:
“جنگ جو ميدان ئي تہ منهنجو گهر آهي.”

تون ڪيئن ٿو چوين تہ تون اُن ڌرتيءَ جو رهواسي آهين جا ڌرتي آزاد ٿي چڪي آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ تون پنهنجن ڌرتي- ڄاين کي غلاميءَ جا طوق ڇو پهرائي رهيو آهين؟

تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. مون ماڻهوءَ جي ڪردار جي ڳالهه ٿي ڪئي منهنجو مطلب آهي ته هڪ عاقل ۽ داناءُ هزارين بيڙن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ انقلاب آڻي، کين سنواري سگهي ٿو. گورڪيءَ چيو آهي ته هڪ بيڙو ماڻهو به ڪنهن سٺي ڪتاب کان بهتر آهي. خبر ناهي ته گورڪي اُن وقت الائي ڪهڙي اپگرهه تي براجمان هو!

ڪاش! منهنجي ڌرتيءَ تي به اهڙو ئي انقلاب اچي جيڪو فرانس ۾ آيو هو. جتي انقلابي جڏهن گيت ڳائيندا هئا ته سڄي ڌرتي ڏڏي ويندي هئي.

ڇوڪرا ڪلاس ۾ ويهن تائين انگ ياد ڪري رهيا هئا. هڪ ڇوڪري ڪيسي مان بندوق جا ويهه ڇرا ڪڍي، خالي ڪارتوس ۾ پيري، استاد وٽ آيو ۽ استاد کي چيائين. "سائين هن ڪارتوس ۾ پورا ويهه ڇرا اَٿو".

تون ڪيئن ٿو چوين تہ پٽائي جو تاڙو انگريزي شاعر شيلي جي چونڊيل (SKYLARK) کان گهٽ آهي! تاڙو تہ چنڊول کان بہ مٿاهون آهي. جيڪو پٽائي جو سارنگ ڳائي، ٿر تي مينهن وسائي خود پٽائي کان داد پيو وٺي.

اجهو هاٽي پٽائيءَ کي تين، هٿيءَ کان لالو کيت ۾ گهرندو ڏسيون پيو اچان کنن ۾ ڪُنڍا، گيڙوءَ رتو ويس، ڪلهن تي لٽڪايل اچا ڪارا وار، ڳچيءَ ۾ ڪنٺو گهوڙي تي چڙهيل، هٿ ۾ ڳاڙهہ سُرو جهنڊو ۽ سندس پويان هزارين ماڻهو.

تون منهنجن گلن جي ڪونڊين کي ٽڏا هڻي ڪيرائين ٿو. مان انهن کي سڏو ٿو ڪيان. تون منهنجن گيتن کي لانگ بوٽن سان لتاڙين ٿو مان لتاڙيل تيلن کي سڏو ڪري. واهيءَ جو آواندو ٿو ڪوليان. تون منهنجن تحريرن کي ڦاڙي ڦٽو ٿو ڪرين. جن کي هوا مون کان پري اُڏائي ڪٽي وئي آهي. مان ٻوڙون پري، ٽڙندو ٽا ٻڙندو ڦاٽل پنن جون منيون پري جهول ۾ پيو وجهان. بس. تو ۾ ۽ مون ۾ اجهو اهو فرق آهي.

اي سنڌ! جڏهن کان تنهنجيءَ سنڌوءَ جي پاٽيءَ کي ڪيتن ۾ وهندو ڏٺو اٿم، جڏهن کان ٿر ۾ وسڪاري ڪانپوءِ ڪنهن ٽرياٽيءَ جي هٿن ۾ جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا سنگ ڏٺا اٿم، جڏهن کان تنبوري تي پٽائيءَ جا بيت ٻڌا اٿم، اُن ڏينهن کان مان توسان ”امڙ“ چئي مخاطب ٿيندو آهيان.

اي ڪنير! اها مٽي تو ڪٿان آندي آهي. جنهن ۾ ساڳ ۽ ڏوڏي جي خوشبوءِ آهي؟

اي ماري! تون اُن مٽيءَ مان گليلا پيو ٺاهين جنهن مٽيءَ مان شاهه عنايت جي رت جي خوشبوءِ پئي اچي ! اُتي اِن مٽيءَ کي اکئين لائي، جتان ڪٽي آيو آهين اُتي رکي اچ. سپاٽي ان مٽي، مان ڳاڙها گل ڦٽندا، جن مان هار جوڙي، انقلاب کي پارايا ويندا.

تون ماضي ۽ حال جي وچ ۾ پل پيو ٺاهين. مان ماضيءَ جي مناري تي ويهي، هٿ ۾ حال جو لڪڙو ڪٽي، مستقبل جي بلندين کي پيو ڇُهان.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ ڪي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


تاجل بيوس جا شايع ٿيل ٻيا ڪتاب
سر چيندڙ ساڻيهه جا
سنڌ منهنجي امان
SANGAM PUBLICATIONS